Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

روزاني پاڪ ڪراچي

ABC CERTIFIED

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 جمعو 14 فيبروري 2025ع بمطابق 15 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 092

سنڌو ندي مان ڪئنال ڪڍڻ خلاف اينٽي ڪئنالزايڪشن ڪميٽي پاران لاڙڪاڻي ۾ احتجاجي مارچ ڪيو ويو

سنڌو اسان جي تيج آهي، تيج تي ڌاڙو هنيو پيو وڃي، ڪئنال نه هيا ته پنهنجي ئي ديس ۾ مهاجر ٿي وينداسين: زين شاهه

2024ع ۾ ڊپٽي ڪمشنرن چونڊون ڪرائي سودو ڪيو ته سنڌ جون زمينون، پاڻي، معدني وسيلا، سامونڊي پٽي توهان کي ڏينداسين: زبير ٽالپر

سنڌ ۽ بلوچستان کي دادو ڪئنال ۽ ٻين ڪئنالن مان پاڻي ويندو آهي جيڪڏهن پاڻي جي ڪوٽ ٿيندي ته معيشت کي نقصان پهچندو: عمرن بوزدار

اسان 6 مهينن کان سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مختلف تنظيمن سان احتجاج ڪري رهيا آهيون، درياهه بچايو تحريڪ جاري آهي: معظم عباسي

لاڙڪاڻو (رابيل جاگيراڻي) سنڌو نديءَ تي 6 ڪينالزجي خلاف آبادگار تنظيمن جي گڏيل پليٽ فارم اينٽي ڪينالزايڪشن ڪميٽيءَ جي انتظام هيٺ لاڙڪاڻي ۾ احتجاجي مارچ ڪيو ويو. احتجاجي مارچ لاڙڪاڻي جي شيخ زيد چوڪ کان پريس ڪلب تائين ڪيو ويو جنهن جي اڳواڻي سنڌو درياهه بچايو تحريڪ جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 21

13 فيبروري لاڙڪاڻو
احتجاج
سنڌو تي ڌاڙو نامنظور
سنڌو درياءَ تي 6 ڪئنال نامنظور

لاڙڪاڻو: سنڌ دشمن منصوبن خلاف زين شاهه جي اڳواڻي ۾ مارچ ڪيو پيو وڃي

اسرائيل ايران جي جوهري ملڪيتن تي حملو ڪري سگهي ٿو: آمريڪي اخبار

واشنگٽن (م د) آمريڪي اخبار دعويٰ ڪئي آهي ته اسرائيل /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

2024 گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ صحافين جي سڀ کان وڌيڪ قتل عام جو سال ثابت ٿيو

ڪراچي (م د) صحافين جي تحفظ جي تنظيم سي پي /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

ڪنهن جو به خط ناهي مليو، جيڪڏهن مليو ته وزيراعظم ڏانهن اماڻي ڇڏيندس: آرمي چيف

وزيراعظم هائوس ۾ ترڪ صدر رجب طيب اردگان جي مان ۾ مانجهاندو ٿيو، جنهن ۾ آرمي چيف جنرل عاصم منير به شرڪت ڪئي

آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير کان صحافين غير رسمي سوال ڪيو ته ڇا اوهان کي پي ٽي آءِ باني عمران خان جو ڪو خط مليو آهي؟

ڪنهن جو به ڪو خط ناهي مليو، جيڪڏهن مليو به ته وزيراعظم شهباز شريف ڏانهن اماڻي ڇڏيندس: آرمي چيف جو صحافي کي جواب

پاڪستان ۾ ترقي ٿي رهي آهي، ملڪ هاڻ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ اڳتي وڌندو: جنرل عاصم منير جون صحافين سان غير رسمي ڳالهيون

اسلام آباد (م د) آرمي چيف جنرل عاصم منير چيو آهي ته ڪيس ڪنهن جو به ڪو خط نه مليو، جيڪڏهن ڪو خط مليو ته اهو وزيراعظم ڏانهن اماڻي ڇڏيندس. وزيراعظم هائوس ۾ ترڪ صدر جي اعزاز ۾ ڏنل مانجهاندي دوران/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ۽ ترڪ صدر مختلف معاهدن تي صحيحون ڪري رهيا آهن

پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ چوويهه معاهدن ۽ يادداشت نامن تي صحيحيون

قائداعظم ۽ اقبال اسان جا به هيرو آهن، ڪشمير مسئلي تي پاڪستان جي حمايت ڪريون ٿا: اردگان

ترڪيه پنهنجي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي ترغيب ڏئي رهيو آهي

ٻنهي ملڪن وچ ۾ پنج ارب ڊالرزجي تجارتي معاهدي تي ڳالهيون ٿيون: تقريب کي خطاب

اسلام آباد (م د) ترڪ صدر رجب طيب اردگان چيو آهي ته دهشتگردي خلاف ويڙهه ۾ ڪشمير مسئلي جي حل لاءِ پاڪستان جي ڪوشش جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا. اسلام آباد ۾ مختلف معاهدن ۽ يادداشتن تي صحيحون /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

”غير رجسٽرڊ گاڏيون روڊن تي نه هلنديون“ سنڌ حڪومت پابندي مڙهي ڇڏي

هيوي ٽريفڪ لاءِ فٽنس سرٽيفڪيٽ لازمي قرار، شوروم غير رجسٽرڊ گاڏي وڪرو نٿو ڪري سگهي: شرجيل ميمڻ

شهر ۾ ڊمپر رات 10 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين هلائي سگهبا. 80 هزار نمبر پليٽون موجود آهن: صوبائي وزير

جيڪڏهن ڪا به غير رجسٽرڊ گاڏي شوروم کان ٻاهر نڪتي ته شوروم سيل ڪيو ويندو: پريس ڪانفرنس

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت غير رجسٽرڊ گاڏين/ڏسو صفحو 3 بقايا 3

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

صوابي ۾ پيءُ گهريلو اڻبڻت تان پنهنجن ڇهن ٻارن کي تيزڌار اوزار سان ڪُهي پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي ضلعي صوابي ۾ پيءُ/ڏسو صفحو 3 بقايا 4

اوباوڙو پرسان پوليس قاضي احمد واسين کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو

ڏهرڪي (ن پ ڪ) /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

انٽرا پارٽي چونڊون ڪيس: اي سي پ پ کي مارچ تائين مهلت ڏئي ڇڏي

پارٽي چيئرمين آمريڪا آهي، جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏني وڃي: ساجد تنولي

تحريڪ انصاف به پنهنجو جواب جمع ڪرائي ڇڏيو، اي سي پي پاران اڏوروقرار

اسلام آباد: (م د) اليڪشن ڪميشن انٽرا پارٽي چونڊون /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ملڪ ۾ شب برات مذهبي عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي

شب برات جي رات مسلمان رب پاڪ جي آڏو سجدو ڪري مغفرت طلب ڪئي

ٻلاري رات ۾ مسلمانن گناهن کان توبهه ڪندي اعمالن جي اصلاح ڪرڻ جو عهد ڪيو

اسلام آباد: (م د) سڄي ملڪ ۾ شب برات مذهبي /ڏسو صفحو 3 بقايا 19

ڪراچي کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس جي وڏي فورس جي گهرج آهي: سراج دراني

پيپلز پارٽي ڊمپرن جي سرپرستي ڪيئن ڪري سگهي ٿي ؟ اهو هڪ الزام آهي

لساني فسادن جي ڳالهه ڪندڙن خلاف حڪومت ڪارروائي ڪندي: عدالت ٻاهران ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽر) احتساب عدالت ڪلفٽن ٻاهران سنڌ/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

ميرپورخاص جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر قتل ڪيس جي ٻڌڻي

شاهنواز ڪنڀرتي سي آءِ اي اهلڪارن جي هٿيارن سان فائرنگ ٿي: چالان ۾ انڪشاف

مولوي عمرجان سرهندي جا ماڻهو ۽ ڊاڪٽر شاهنواز کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ويل عمرڪوٽ پوليس جي ٽيم سان لاڳيتو رابطي ۾ هئا: چالان

ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀرجي کي گولين هڻڻ ۾ سي آءِ اي پوليس جي ٻن اهلڪارن نادر پرويز ۽ غلام قادرجا سرڪاري هٿيار استعمال ٿيا

واقعي وقت عمرڪوٽ جو ايس ايس پي ميرپورخاص جي مهراڻ ٿاڻي تي موجود ۽ ميرپورخاص جو ايس ايس پي سي آءِ اي سينٽر ميرپورخاص ۾ موجود هو

جائزو وٺي انهن ماڻهن کي به ڪيس ۾ شامل ڪيو جن ميرپورخاص جي ڊي آءِ جي آفيس ۾ جشن ملهايو ۽ سوشل ميڊيا تي ماڻهن کي ڀڙڪايو: ايف آءِ اي

ميرپورخاص(رپورٽ: گل محمد سولنگي) ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر ڪيس جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت/ڏسو صفحو 3 بقايا 24

ڪراچي جي ترقي لاءِ ڪيترائي ڀيرا ماسٽر پلان ٺاهيا ويا پر عمل نه ٿي سگهيو: سعيد غني

ڪراچي ۾ لکين ماڻهو رهن ٿا، بدقسمتي سان اسان وٽ ماسٽر پلان ناهي. تنهن ڪري اهڙا مسئلا آهن

پ پ قيادت هيٺ گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047 جي تياري شروع ڪري ڇڏي آهي: صوبائي وزير

ڪراچي شهر لاءِ جامع ماسٽر پلان ضروري آهي، گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047 شروع ڪيو آهي: خطاب

ڪراچي،(اسٽاف رپورٽر) : مڪاني ادارن واري وزير سنڌ سعيد غني چيو آهي ته ڪراچي ۾ لکين ماڻهو/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

ڪئنال سنڌجي ماڻهن لاءِ زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي: قادر مگسي

ڪئنال مقصد سنڌ جي موت جو ٻيو نالو آهي ان ڪري هي مهم هلايون پيا

عوام جي جدوجهد سان سنڌ دشمن منصوبن کي ناڪام بڻايو ويندو: ايس ٽي پي سربراهه

ايس ٽي پي سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي: ماتلي ۾ ميڊيا سان ڳالهيون

ماتلي (ن پ ڪ) ماتلي ڪئنال سنڌي ماڻهن ماڻهو/ڏسو صفحو 3 بقايا 26

ماتلي: ڊاڪٽر قادر مگسي صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

قتل ڪيس مان پ پ جا ست ڪارڪن بري

سنڌ هاءِ ڪورٽ ايم ڪيو ايم ڪارڪن جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

عدالت دليل ٻڌڻ کان پوءِ سعيد، عبدالوحيد ۽ ٻين کي بري ڪري ڇڏيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌهاءِ ڪورٽ جي جسٽس جنيد غفار تي ٻڌل ٻه رڪني بئنچ ايم ڪيو ايم پاڪستان جي ڪارڪن فراز شيخ جي قتل ڪيس /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

ڪنڌڪوٽ ۾ پي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن جي احتجاج رنگ لاتو، آفر آرڊر ملي ويا

ضلعي ڪائونسل چيئرمين ۽ ڊي اي او پرائمري اميدوارن جي احتجاجي ڪئمپ تي پهتا

گل محمد خان جکراڻي ۽ عبدالغفار شاهه احتجاجي ڪئمپ تي پهچي واٽسپ تي آفر آرڊر گهرائي ڏنا

حق ملڻ تي خوشي ٿي آهي، آفر آرڊر ملڻ تي پنهنجو احتجاجي ڌرڻو ختم ڪري رهيا آهيون: احتجاج ڪندڙ اميدوار

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ پي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن جي ٽن ڏينهن کان لڳايل احتجاجي ڪئمپ ضلعي /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڪنڌڪوٽ: گل محمد جکراڻي احتجاج ڪندڙن سان ڳالهيون ڪري رهيو آهي

غلام الله لڳ ڪکاون گهرن کي باهه، 10 اجها رک، لکن جو نقصان

ڳوٺ فتح محمد ڏانڌل ۾ باهه لڳي، ڏهه گهر سڙي خاڪ ٿي ويا

باهه ۾ ٻه موٽرسائيڪلون، چار ڍور ۽ ٻيو سامان رک، متاثر کليل آسمان هيٺ ويٺل

غلام الله (ن پ ڪ) ديهه پليجاڻيءَ جي ڳوٺ پير احمد شاهه لڳ/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

مدئجي پرسان جوابدار هٿان پيءُ ۽ نوجوان ڪارنهن الزام هيٺ قتل، گرفتار

ڳوٺ شهمير ۾ سليم جوڻيجي ساجد ۽ مومل تي فجوڻيجي ائرنگ پڻ ڪري ڏني

نوجوان ٿڏي تي دم ڏئي ڇڏيو، مومل زال قمرالدين جوڻيجي اسپتال ۾ فوت ٿي وئي

جوابدار سليم کي پوليس پڪڙي ورتو، مڙهه وارثن حوالي، ڊي آءِ جي پاران واقعي جو نوٽيس

مدئجي:(ن پ ڪ) مدئجي پرسان امروٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ شهمير جوڻيجو ۾ ڪارنهن الزام هيٺ جوابدار گولين هڻي نوجوان ساجد جوڻيجو کي موقعي تي قتل ڪري ڇڏيو جوابدار جي فائرنگ سبب عورت مومل زال قمرالدين /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

ميرپور بٺورو پرسان حادثو، 4 ڄڻا زخمي، هڪ فوت

ڪورواهه روڊ تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿيو

زخمين کي اسپتال منتقل ڪرڻ دوران پنيو روپائي رستي ۾ دم ڏئي ڇڏيو

ميرپوربٺورو (حاجي موسا ڪٽي) ميرپوربٺورو لڳ ڪورواهه روڊ تي باءِ پاس پرسان ٻن موٽر سائيڪل رڪشائن وچ ۾ آمهون سامهون زوردار ٽڪر ٿيڻ سبب محمودا اسٽاپ واسي ٻن ڀائرن پنيو پٽ حاجي روپائي ۽ دينو پٽ حاجي روپائي/ڏسو صفحو 3 بقايا 9

ميرپور بٺورو: روڊ حادثي ۾ فوت ٿيل نوجوان جو مڙهه پيل آهي

رافع ملڪ بازياب نه ٿيو، پاڪ ڪتاب جي صدقي ٻچڙي کي ڇڏيو، والد جي ڏاڙيلن کي التجا

انجنيئرنگ بنگلو ملڪ محلہ مان 42 ڏينهن اڳ پراسرار نموني لاپتا ٿيل معصوم جي ڪا به خبر نه پئي

وارثن پاران ڪچي ۽ پڪي ۾ پاڪ ڪتاب گهمائڻ جي باوجود نينگر جي بازيابي عمل ۾ نه اچي سگهي

پٽ جي جدائي وارثن جا هال هيٺا ڪري ڇڏيا، ڏاڙيلن کي پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏئي التجا ڪرڻ لڳا، پوليس ننڊ

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڌڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد انجنيئرنگ بنگلو ملڪ محلہ مان 42 ڏينهن اڳ پراسرار نموني لاپتا ٿيل معصوم نينگر رافع ملڪ جو هن مهل تائين ڏس پتو نه پئجي/ڏسو صفحو 3 بقايا 10

ڪچي جا ڏاڙيل پڪي وارن جي سرپرستي کان سواءِ ڪجهه نٿا ڪري سگهن: ڪاشف سعيد

آئين ۽ قانون جي حڪمراني کان سواءِ ملڪ ترقي ۽ سنڌ ۾ امن امان قائم نٿو ٿي سگهي

حڪومت امن قائم ۽ شهرين کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي

پوليس ۾ باصلاحيت آفيسر موجود آهن سياسي مداخلت جو خاتمو ڪيو وڃي: بار کي خطاب

شڪارپور (ڊ ر) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ڊسٽرڪٽ بار شڪارپور ۾ خطاب ڪندي چيو آهي ته آئين ۽ قانون جي حڪمراني کان سواءِ ملڪ ترقي ۽ سنڌ ۾ امن امان قائم نٿو ٿي سگهي، حڪومت امن قائم ۽ شهرين/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

شڪارپور: ڪاشف سعيد جي بار اڳواڻ آجيان ڪندي، ٻي پاسي وڪيلن کي خطاب ڪري رهيو آهي

ڪراچي روڊ حادثا، عدالت ۾ درخواست داخل، دليل طلب

ذميوارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ عدليه جو ڪم ناهي: جسٽس آغا

هي بنيادي انساني حقن جو ڪيس آهي، روز ماڻهو مرن پيا : درخواست ڏيندڙ

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس آغا فيصل جي عدالت بئريسٽر حسن خان جي درخواست تي، ڏينهن جي وقت شهر ۾ هيوي ٽريفڪ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 17

لاڙڪاڻي ۾ سهيل انور سيال جي کليل ڪچهري، مسئلا ٻڌي هدايتون جاري

ايم پي اي سهيل انور سوين ماڻهن جا مسئلا ٻڌا ۽ ڪين حل ڪرڻ لاءِ هدايتون جاري ڪيون

قيادت جي هدايت تي شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ ڪچهري ڪوٺائي آهي: سهيل انور

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير ايم پي اي سهيل انور سيال طرفان پنهنجي آفيس ۾ شهرين جي مسئلن جي حل/ڏسو صفحو 3 بقايا 16

صوبائي محتسب بنا فرق انصاف فراهم ڪري پيو: آفتاب ڪتري

سرڪاري ادارن خلاف شڪايتون اچي رهيون آهن: ريجنل ڊائريڪٽر

شهري بنا فرق شڪايتون داخل ڪرائين حل ڪبيون: سيمينار کي خطاب

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) : صوبائي محتسب سنڌ محمد سهيل راجپوت جي هدايتن تي، گورنمينٽ گرلز ڪاليج 11_سي اورنگي ٽائون ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 15

مخدوم فخرالزمان پاران سرجيڪل ڪيمپ جو افتتاح

عوام کي سڀ سهولتون ڏيڻ چاهيون ٿا: سنڌ حڪومت ترجمان

عوام سان جيڪي واعدا ڪيا آهن هر صورت پورا ڪنداسين: ڳالهيون

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ رڪن صوبائي اسيمبلي مخدوم فخر الزمان ڊسٽرڪٽ هيڊ ڪوارٽر اسپتال ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 14

مٽياري: مخدوم فخرالزمان صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ڊي سي نوابشاهه جي صدارت ۾ حفاظتي ٽڪن بابت جائزا اجلاس

يوسي سطح تي ڪميٽين کي فعال بڻايو وڃي: شهريار گل ميمڻ

پروگرام کي وڌيڪ فعال بنائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن: ڪامورن کي هدايت

نواب شاهه (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظيرآباد/ڏسو صفحو 3 بقايا 13

سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي بنا رڪاوٽ جي جاري آهي: اسدالله خان

فراهمي ۽ نيڪالي بابت سموريون شڪايتون مڪمل طور تي ختم ڪيون آهن

قبرن تي پاڻي وجهڻ جي لاءِ سڄي رات پاڻي جي فراهمي جاري رهندي: بيان

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر)ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب/ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ڪراچي پريس ڪلب وفد جي صوبائي وزير سعيد غني سان ملاقات،صحافين کي پلاٽ ڏيڻ ۽ ٻين معاملن تي ڳالهيون

صحافين کي پلاٽ ڏيڻ جي لاءِ سمورا مرحلا مڪمل ٿي چڪا آهن: صوبائي وزير

ايل ڊي اي ۽ ايم ڊي اي صحافين کي پلاٽن جي 80 سيڪڙو ادائيگي ۽ ترقياتي ڪمن جا سمورا مرحلا مڪمل ڪيا آهن

7 سئو نون ميمبرن کي پلاٽن جي الاٽمينٽ لاءِ زمين پڻ الاٽ ڪئي آهي: مڪاني ادارن واري صوبائي وزيرجي يقين ڏياڻي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) مڪاني ادارن واري وزير سنڌ سعيد غني چيو آهي ته پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه صحافين جي ڀلائي خاص ڪري انهن جي رهائش لاءِ پلاٽن جي فراهمي تي ڀرپور توجه ڏني آهي. ايل ڊي اي ۽ ايم ڊي اي جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 34

ڪراچي ۾ پيڪا قانون خلاف صحافين جي بک هڙتال، ساڃاهه وندن جي ايڪي طور شرڪت

پريس ڪلب اڳيان پيڪا قانون جي خاتمي جي لاءِ صحافين پاران بک هڙتال ڪئي وئي

سي پي اين اي جنرل سيڪريٽري اعجاز الحق، ڊپٽي سيڪريٽري غلام نبي چانڊيو ۽ عارف بلوچ جي شرڪت

عوامي حقوق جي عبدالخالق زدران، وليم صادق،واحد بخش ناريجو ۽ ٻيا پريس ڪلب پهتا

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) پيڪا قانون خلاف ملڪگير بک هڙتال جي سلسلي ۾ ڪراچي پريس ڪلب اڳيان بک هڙتالي ڪئمپ ۾ عوامي حقوق جي عبدالخالق زدران، سي پي اين اي جنرل /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

پريس ڪلب
خلاف بک هڙتالي ڪيمپ

ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پيڪا قانون خلاف بک هڙتالي ڪيمپ تي عبدالخالق زدران ۽ غلام نبي چانڊيو خطاب ڪندي

ٽريزري آفيس حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري دوران 27 ڪيسن جي ٻڌڻي ۽ 8 ڪيس اڪلايا ويا

حيدرآباد (بيورو) صوبائي محتسب اعليٰ سنڌ ۽ اڪائونٽنٽ جنرل سنڌ جي هدايتن تي اڄ ٽريزري آفيس حيدرآباد ۾ کليل ڪچهري جو اهتمام ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 29

مبينا مقابلو، هنگورجا ۽ هالاڻي پوليس جو پاڻ ۾ جهيڙو، 3 ڦورو گرفتار، ٻه اهلڪار زخمي

نيشنل هاءِ وي مٽان ڦورو ڦرڪري هالاڻي طرف ڀڳا ته گلاب هوٽل وٽ مقابلو ٿيو ٻه اهلڪار زخمي ٿي پيا: هنگورجا پوليس

3 ڦورو گرفتار ڪيا پر هالاڻي پوليس جو جمعدار رسول آباد چونڪي انچارج مٽان حملو ڪري هڪ ڦورو کي ڇڏائي ڪٽي ويو

ٻه ڦورو اياز ۽ اعجاز خاصخيلي هنگورجا پوليس جي ڪسٽڊي ۾ آهن ،اڃان ڪٽي به ڪيس داخل نه ٿيو آهي: زخمي اهلڪار

هالاڻي (رپورٽ: اقبال گاڏهي) نيشنل هاءِ وي روڊ مٽان گلاب /ڏسو صفحو 3 بقايا 30

هالاڻي: شهري پڪڙيل ڦورن کي ڪٽڪو ڏئي رهيا آهن

جامعه مجدديه نعيميه گلشن نعيمي ملير ۾ نتيجا ورهائڻ واري تقريب

ڪتابن سان دوستي رکڻ وارا ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا: ڊي سي

شاگرد ملڪ جو مستقبل آهن، محنت ڪري اڳتي وڌي سگهن ٿا: خطاب

ملير(ڊ ر) بزم مجدديه نعيميه پاران جامعه مجدديه /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

حيدرآباد سوشل سيڪيورٽي اسپتال ۾ ايم ايس جي مقرري بعد ڪم شروع

ايم ايس ڊاڪٽر عبدالقيوم سهتو ڪمزور بلڊنگ جي مرمت ڪرائي بند وارڊ کولرائي ڇڏيا

گهرويٺي پگهارون کڻندڙ اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ عملي پڻ ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) سوشل سيڪيورٽي حيدرآباد /ڏسو صفحو 3 بقايا 32

ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (سيسي) اداري جي گورننگ باڊي جو 171 هون اجلاس منعقد ٿيو

نئين مالي سال 2025ع جي بجيٽ ۾ سوشل سيڪيورٽي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جون پوسٽون وڌائڻ جي منظوري

اجلاس جي صدارت صوبائي وزير محنت ۽ انساني وسيلن/چيئرمين گورننگ باڊي سيسي شاهد عبدالسلام ٿهيم ڪئي

ڪراچي (رپورٽ امداد سومراهه) ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوشن (سيسي) اداري جي گورننگ باڊي جو 171 هون اجلاس منعقد ٿي گذريو. سنڌ ايمپلائيز سوشل سيڪيورٽي انسٽيٽيوٽ (سي سي) هيڊ آفيس /ڏسو صفحو 3 بقايا 33

مٽياري تعلقي اسپتال جي بحالي لاءِ جسقم جو احتجاجي مظاهرو

مٽياري(ڊ ر) جسقم پاران پريس ڪلب آڏو تعلقا اسپتال کي مڪمل طور بحال ڪرڻ لاءِ نورمحمد ٻيڻو، ذوالفقار ڏيٿو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 35

مٽياري: جسقم پاران تعلقي اسپتال جي بحالي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽروپول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي-فون نمبر:3-35655872-021 فيڪس نمبر:35655874-021
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

جمعو 14 فيبروري 2025ع بمطابق 15 شعبان المعظم 1446هه



سنڌ سرڪار جا اهم فيصلا.........

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ هڪ اهم اجلاس ٿيو. هن اجلاس ۾، وڏي وزير سيني لاڳاپيل ڪاتن جي اتفاق راءِ سان ڪيترائي اهم فيصلا ڪيا. سنڌ حڪومت سيني ڳري ٽريفڪ گاڏين جي فٽنيس ۽ رجسٽريشن جي حوالي سان فوري ڪارروائي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ٽرانسپورٽ ڪاتي ۾ ڪجهه موٽر وهيڪل انسپيڪٽر هٽا ۽ هاڻي هن عمل کي وڌيڪ تيز ڪيو پيو وڃي. هاڻي هر گاڏي، جنهن ۾ موٽرسائيڪلون ۽ وڏيون ٽرانسپورٽ گاڏيون شامل آهن، لاءِ صحيح فٽنيس سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهي. فٽنيس سرٽيفڪيٽ کان سواءِ گاڏي کي روڊن تي هلائڻ جي اجازت نه هوندي. ان سلسلي ۾ اسان جي پهرين اوليت ڳريون گاڏيون آهن. ٽرانسپورٽ ڪاتو يقيني بڻائيندو ته سيني ڳرين گاڏين، جن ۾ ٽريلر، ٽينڪر، بسون ۽ ڊمپرز شامل آهن، جو صحيح معائنو ۽ تصديق ٿيل هجي. ڪا به گاڏي جيڪا فٽنيس معيارن تي پورو نه لهندي، ان کي هلائڻ جي اجازت نه هوندي. هن چيو ته ايڪسائيز وزير اجلاس کي ٻڌايو ته اسي هزار نمبر پليٽون تيار پيون آهن، پر ڪيترن ئي گاڏين جي مالڪن کي اڃا تائين اهي نمبر پليٽون نه ورتيون آهن. هن پريس ڪانفرنس ذريعي، مان گاڏين جي مالڪن کي درخواست ڪريان ٿو ته اهي ايڪسائيز ڪاتي کان پنهنجون نمبر پليٽون حاصل ڪن ته جيئن روڊن تي ڪنهن به تڪليف کان بچي سگهن. ڪيترائي ماڻهو شڪايت ڪن ٿا ته حڪومت نمبر پليٽون فراهم نٿي ڪري، پر مان واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته اهي پليٽون موجود آهن. مهرباني ڪري انهن کي فوري طور تي حاصل ڪيون وڃن ته جيئن ضابطن جي تعميل کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ امڪاني ڏنڊ کان بچي سگهجي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته واٽر بورڊ سيني رجسٽرڊ واٽر ٽينڪرن لاءِ بارڪوڊ سسٽم پڻ لاڳو ڪيو آهي جيڪي مجاز هائيڊرنٽس مان هلندا آهن. اهي بارڪوڊ انهن گاڏين کي جاري ڪيا ويندا آهن جيڪي فٽنيس معيارن تي پورو لهن. بارڪوڊ کان سواءِ هلندڙ گاڏي ضبط ڪئي ويندي. اڳ ۾ جاري ڪيل بارڪوڊ وارن گاڏين جي فٽنيس جو ٻيهر جائزو پڻ ورتو ويندو. ان کان علاوه، سيئي غير رجسٽرڊ گاڏيون فوري طور تي ضبط ڪيون وينديون. پاڻي جي نقل و حمل جي ڪاروبار سان لاڳاپيل ماڻهن کي پنهنجون گاڏيون واٽر بورڊ وٽ رجسٽر ڪرائڻ گهرجن. شهر ۾ ڪنهن به غير رجسٽرڊ گاڏي کي هلڻ جي اجازت نه هوندي. هن چيو ته ڳرين گاڏين کي فٽنيس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيهه ڏينهن جو وقت ڏنو ويو آهي. ٻين صوبن مان سنڌ ۾ داخل ٿيندڙ گاڏين کي به سنڌ اختيارين کان فٽنيس سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻو پوندو. پنجاب، بلوچستان يا خيبر پختونخواهه ۾ جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ سنڌ ۾ صحيح نه سمجهيا ويندا. پنجاب حڪومت اڳ ۾ ئي اهڙوئي قانون لاڳو ڪري چڪي آهي، جنهن ۾ گاڏين لاءِ فٽنيس سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي قرار ڏنو ويو آهي. ساڳئي طرح، سنڌ حڪومت هاڻي صوبي اندر هلندڙ سيني ڳرين گاڏين لاءِ سنڌ حڪومت کان سرٽيفڪيشن حاصل ڪرڻ لازمي قرار ڏنو آهي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت اڳ ۾ به غير رجسٽرڊ گاڏين خلاف ڪارروائي ڪئي آهي. سنڌ اسيمبلي اڳ ۾ ئي هڪ قانون منظور ڪري چڪي آهي جنهن ۾ شوروم مالڪن کي رجسٽريشن کان سواءِ گاڏيون وڪڻڻ تي پابندي لڳائي وئي آهي. هي قدم ڪم کي آسان بڻائڻ ۽ سرڪاري آمدني وڌائڻ لاءِ متعارف ڪرايو ويو هو هي قانون لاڳو آهي، ۽ سيني شوروم مالڪن کي ان جي تعميل ڪرڻ گهرجي. شوروم مان خريد ڪيل ڪا به گاڏي احاطي ڇڏڻ کان اڳ رجسٽرڊ هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪا غير رجسٽرڊ گاڏي روڊن تي هلندي ملي ته ان کي ضبط ڪيو ويندو ۽ ان جي وڪري لاءِ ذميوار شوروم کي سيل ڪيو ويندو. هن چيو ته هن قانون تي سومر کان سختي سان عمل ڪيو ويندو. جيڪڏهن ڪو شوروم ڪنهن غير رجسٽرڊ گاڏي کي پنهنجي حدن مان نڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو ته گاڏي ضبط ڪئي ويندي، ۽ شوروم کي قانوني نتيجا ڀوڳڻا پوندا. مان شوروم مالڪن کي گذارش ڪريان ٿو ته هو قانون تي عمل ڪن. ڇاڪاڻ ته اهو سيني شهرين تي برابر لاڳو ٿئي ٿو. توهان گاڏيون وڪرو ڪري سگهو ٿا، پر گراهڪن تائين پهچائڻ کان اڳ انهن کي رجسٽرڊ ٿيڻ گهرجي. سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت روڊ جي حفاظت ۽ گاڏين جي مناسب ضابطي کي يقيني بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي، ۽ اسان انهن پاليسين کي اثرائتي طريقي سان لاڳو ڪرڻ لاءِ ضروري قدم کڻندا رهنداسين. جيڪڏهن ڪو ماڻهو سيڙپڪاري جي مقصدن لاءِ ڪنهن ڪمپني کان ڏهه ڪارون خريد ڪري ٿو ته ان لاءِ لازمي آهي ته هو گاڏين کي ٽريلر يا ڪار ڪيريئر استعمال ڪندي منتقل ڪري. هڪ ڀيرو ڪارون شوروم ۾ پهچن ٿيون، اهي صرف رجسٽر ٿيڻ کان پوءِ ڪنهن کي ڏئي سگهجن ٿيون. هن قاعدي تي عمل نه ڪرڻ جي نتيجي ۾ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

سنڌ،زراعت،توانائي ۾ ڏيهي،پرڏيهي سيڙپ جي گهرجائو

رحمت الله پرڙو

تازو هڪ خبر آئي آهي ته پاڪستان جو صدر آصف علي زرداري چئن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي چين پهچي ويو آهي،جتي تجارتي ۽ اقتصادي بنيادن تي پڻ ڳالهيون ٿينديون. انهي ءِ حوالي سان سنڌ جو وڏو وزير مراد علي شاهه به پنهنجي صوبائي وزير توانائي ءِ وارو وزير ناصر شاهه،ٽرانسپورٽ وارو وزير شرجيل انعام ميمڻ سميت چين جي دوري تي ويا آهن.ان سلسلي ۾ خبر اها آئي آهي ته سنڌ جو وزيراعلي مراد علي شاهه چين جي مختلف وفدن سان ملاقاتون ڪندو ۽ سنڌ ۾ پرڏيهي سيڙپڪاري ءِ لاءِ تجارتي ۽ صنعتي وفدن سان ملاقاتن سميت معاهدا ڪرڻ جو امڪان آهي. جنهن ۾ زراعت،توانائي،ٽراسپورٽ،انفرااسٽرڪچر سميت ٽيڪنالوجي تي به خيالن جي مٽاسٽا ٿيندي.بنيادي نقطو اهو آهي ته سنڌ پاڪستان جو اهو واحد صوبو آهي جيڪو ٻين صوبن جي پيٽ ۾ وڏي اهميت،توجه جو گهرجائو آهي. سوال پيدا ٿئي ٿو ته اهو ڪيئن؟سو پڻ ملين ڊالرز جوئي نه پر بلين ٽريلين ڊالرز جو سوال آهي. ته سنڌ جي ترقي جنهن توجه جي گهرجائو آهي سا پڻ هيٺ بيان ڪجي ٿي. سنڌ بنيادي طور تي جتي زراعت بيسڊ صوبو آهي جنهن کي سمنڊ جهڙي نعمت سميت قدرتي معدني اڻ کٽ وسيلا آهن. درياهه پهاڙ،ٿربيابان،زرخيز زمينون،ڊنڀون ڊورا ۽ مال مويشي ءِ جهڙيون نعمتون آهن.انهن جو استعمال،انهن جي سنڀال،انهن جي مالڪي سان گڏ جديد گهرجائن مطابق ڏيهي ۽ پرڏيهي سڙيپ ڪاري ڪرائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي.جنهن لاءهيٺ ڏنل ڳالهيون گوش گذار ڪجن ٿيون.

سنڌ جي ترقي جي صلاحيت:زراعت، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر، ۽ ٽيڪنالاجي ۾ موقعن کي ڳولهڻ لاءِ پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو صوبو سنڌ،معاشي ترقي ۽ ٻين شعبن ۾ ترقي لاءِ بيشمار صلاحيت رکي ٿو پنهنجي امير قدرتي وسيلن،اسٽريٽجڪ مقام، ۽ متنوع معيشت سان. سنڌ سيڙپڪاري ۽ جدت جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو.هن مضمون ۾، اسان صلاح ۽ تجويزون فراهم ڪنداسين ته ڪيئن زراعت، توانائي، ٽرانسپورٽ، انفراسٽرڪچر، ۽ ٽيڪنالاجي ۾ موقعا کوليا وڃن.انهي سان گڏ پرڏيهي سيڙپڪاري کي راغب ڪيو وڃي.جنهن ۾ هيٺيان شعبا توجه گهرن ٿا.

نمبر پهريون زراعت.فصلن جي تنوع. هارين کي هڪ فصل تي انحصار گهٽائڻ ۽ موسمياتي تبديلي جي لچڪ وڌائڻ لاءِ پنهنجن فصلن کي متنوع بڻائڻ جي حوصلا افزائي ڪريو.

آبپاشي نظام جي جديديت:
پاڻي جي ضايع ٿيڻ کي گهٽائڻ ۽ ڪارڪردگي وڌائڻ لاءِ آبپاشي نظام کي اپ گريڊ ڪريو.

زرعي تحقيق ۽ ترقي،نئين فصلن جي قسمن کي ترقي ڪرڻ، زراعت جي طريقن کي بهتر بڻائڻ، ۽ پيداوار کي وڌائڻ لاءِ تحقيقي ادارا قائم ڪريو.

فارم کان مارڪيٽ انفراسٽرڪچر:هارين کي مارڪيٽن سان ڳنڍڻ لاءِ انفراسٽرڪچر تيار ڪريو.ٽرانسپورٽ جي قيمتن کي گهٽايو ۽ مارڪيٽن تائين رسائي وڌايو.

توانائي قابل تجديد توانائي: قابل تجديد توانائي جي ذريعن. جهڙوڪ شمسي ۽ هوائي توانائي ۾ سيڙپڪاري ڪريو. فوسل ايندھن تي انحصار گهٽائڻ ۽ موسمياتي تبديلي کي گهٽائڻ لاءِ.

توانائي جي ڪارڪردگي: توانائي جي استعمال ۽ فضول کي گهٽائڻ لاءِ توانائي جي موثر طريقن ۽ ٽيڪنالاجي کي فروغ ڏيو.

گرڊ جديد بڻائڻ: اعتبار، ڪارڪردگي ۽ رابطي کي بهتر بڻائڻ لاءِ توانائي گرڊ کي اپ گريڊ ڪريو.

نجي شعبي جي سيڙپڪاري،توانائي جي شعبي ۾ نجي شعبي جي سيڙپڪاري کي حوصلا افزائي ڪريو ته جيئن صلاحيت وڌائي سگهجي ۽ خدمتون بهتر ٿي سگهن.

ٽرانسپورٽ. روڊ نيٽ ورڪ جي ترقي: ڳوٺاڻن ۽ شهري علائقن کي ڳنڍڻ لاءِ هڪ جامع روڊ نيٽ ورڪ تيار ڪريو ۽ برقرار رکون.

عوامي ٽرانسپورٽ سسٽم : رش ۽ آلودگي کي گهٽائڻ لاءِ هڪ موثر عوامي ٽرانسپورٽ سسٽم قائم ڪريو.

ريلوي نيٽ ورڪ اپ گريڊ. ڪنيڪٽوٽي کي بهتر بڻائڻ ۽ ٽرانسپورٽ جي خرچن کي گهٽائڻ لاءِ ريلوي نيٽ ورڪ کي اپ گريڊ ڪريو.

بندرگاهن جي ترقي، واپار ۽ واپار کي وڌائڻ لاءِ بندرگاهن کي ترقي ۽ جديد بڻايو

انفراسٽرڪچر. شهري منصوبابندي،ترقي ۽ ترقي کي منظم ڪرڻ لاءِ جامع شهري منصوبابندي جي حڪمت عملين کي ترقي ۽ لاڳو ڪريو.

رهائش ۽ تعمير،گهرن جي کوٽ کي حل ڪرڻ لاءِ سستي رهائش ۽ تعميراتي منصوبن کي حوصلا افزائي ڪريو

پاڻي ۽ صفائي،عوامي صحت کي بهتر بڻائڻ لاءِ موثر پاڻي ۽ صفائي سسٽم کي ترقي ۽ برقرار رکو

آفت جو انتظام : قدرتي آفتن جي اثر کي گهٽائڻ لاءِ موثر آفت جي انتظام جا نظام قائم ڪريو

ٽيڪنالاجي،آءِ ٽي انفراسٽرڪچر ڊولپمينٽ اي-گورنمينٽ. اي-ڪامرس. ۽ جدت کي سپورٽ ڪرڻ لاءِ آئي ٽي انفراسٽرڪچر کي ترقي ۽ اپ گريڊ ڪريو

ڊجيٽل خواندگي،صلاحيتن ۽ علم کي وڌائڻ لاءِ ڊجيٽل خواندگي پروگرامن کي فروغ ڏيو.

اسٽارٽ اپ ايڪو سسٽم ڊولپمينٽ: جدت ۽ ڪاروباري کي هٿي ڏيڻ لاءِ هڪ متحرڪ اسٽارٽ اپ ايڪو سسٽم قائم ڪريو.

سائبر سيڪيورٽي،ڊيٽا جي حفاظت ۽ سائبر خطرن کي روڪڻ لاءِ اثرائتي سائبر سيڪيورٽي قدمن کي ترقي ۽ لاڳو ڪريو.

پرڏيهي سيڙپڪاري کي راغب ڪرڻ،سيڙپڪاري دوست پاليسيون:
پرڏيهي سيڙپڪارن کي راغب ڪرڻ لاءِ سيڙپڪاري دوست پاليسيون ترقي ۽ لاڳو ڪريو بنيادي ڍانچي جي ترقي: ڪاروباري واڌ ۽ ترقي کي هٿي ڏيڻ لاءِ انفراسٽرڪچر کي ترقي ۽ اپ گريڊ ڪريو. مهارت رکندڙ افرادي قوت: ڪاروباري ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ هڪ ماهر ۽ تعليم يافته افرادي قوت تيار ڪريو. ڪاروبار ڪرڻ ۾ آساني:ڪاروبار کي هلائڻ آسان بڻائڻ لاءِ ضابطن ۽ طريقيڪار کي آسان بڻايو سيڙپڪاري جي واڌاري: سنڌ کي سيڙپڪاري جي منزل طور فروغ ڏيڻ لاءِ هڪ سيڙپڪاري جي واڌاري ايجنسي قائم ڪريو انهن تجويزن ۽ صلاحن تي عمل ڪندي، سنڌ پنهنجي ترقي جي صلاحيت کي کوليو ۽ سيڙپڪاري، جدت ۽ اقتصادي ترقي جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو سنڌ جي وڏي وزير کي کپي ته چين جي دوري دوران پرڏيهي وفدن کي سنڌ جي وسيلن جي بنياد تي اقتصادي،تجارتي ۽ صنعتي بنيادن کان علاوهه زرعي شعبي کي سامهون رکي معاهدا ڪرڻا پوندا. پرڏيهي سيڙپڪاري سان گڏ ڏيهي سيڙپ به تمام ضروري آهي. خصوصي توجه جي گهرجائو سنڌ جي زراعت،توانائي ءِ واري شعبي سان گڏ سنڌ جو مڪمل انفرااسٽرڪچر هڪ وقت شناس قيادت گهري ٿو اميد ته چين جي دوري تي ويل سنڌ حڪومت جو وفد وڏي وزير جي قيادت ۾ سنڌ جي ادارن،عوام لاءِ بهتر معاهدا ڪري واپس ايندو.

دهشت جو راڄ ۽ سيڪيورٽي ادارا

عبدالقادر لاشاري

انسانن جي بنيادي حقن جو استحصال هن وقت عروج تي پهتل آهي ڏاڍي جي اڳيان ڇڳن پلن جا هٿيار ڦٽا ٿيندي نظر اچي رهيا ، قانون جي رٽ تي به ڪيترائي سوال اٿي رهيا آهن ڏنو وڃي ته انسان جي جياپي لاءِ جيترو کاڌ خوراڪ ضروري آهي اوترو ئي امن امان به لازمي آهي جيڪڏهن امن امان جي صورتحال تي نظر ڊا وجهون ته اسان کي پنهنجي حال کان وڌيڪ امن امان لا قائم ڪيل ادارن جي حال تي ترس اچي ٿو. ملڪ ۾ امن امان جي صورتحال ڪا خاص بهتر ناهي پر ملڪ اندر بدامني جي باهه ۾ سنڌ سوائي سڙي رهي آهينجون ٽا سيڪورٽي ادارن جون ڪارروايون هلي به رهيون آهن پر انهن جو اثر نه هئڻ برابر لڳي رهيو آهي چاڪاڻ ته پرنٽ ميڊيا، اليڪٽرڪ ميڊيا توڙي سوشل ميڊيا تي آئي ڏينهن چورين ، ڦرن، ڌاڙن جا واقعا پڙهڻ ۽ ٻڌڻ عام جام لا ملي رهيا آهن. روزاني ٿيندڙ واقعن مان اهو ئي ميسيج جاري ٿي رهيو آهي ته معاشري ۾ وحشپڻو وڌي رهيو آهي پوءِ انهي وحشپڻي کي ٻنجو ڏيڻ لا لازمي آهي کي اثرائتا قدم ئي کڻڻا پوندا جيڪي اسان کي ڪٿي نظرئي نٿا اچن. اسان پنهنجي ڌرتي سنڌ جنهن کي ڳالهين جي حد تائين صوفين ۽ درويشن جي ڌرتي طور ته پيش ڪريون ٿا پر هتي جيڪي ڪرتوت ٿي رهيا آهن انهن تي دل ۾ ذري برابر درد رکندڙ ضرور شرمسار ٿيندا هوندا. ڪو هڪ اڌ واقعو هجي ڪٿي ان کي بيان ڪريون هتي ته وحشت ۽ دهشت جو راڄ قائم ڪيو ويو آهي انهي دهشت ۽ وحشت جي ورچڙهيل ڪوڙ ڪردار اڄ به انصاف جا منتظر آهن ۽ انصاف جو جنازو نڪرڻ سبب اهي گهاءَ سنڌ جي سينهي ۾ چيڀي رهيا آهن انهن ۾ ڪيترا سال اڳ وحشين جي چنبي ۾ آيل فضيلا سرڪي ، جان محمد مهر جو بيدردي اس قتل ، ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر جي قانون جي محافظن هٿان بي رحماڻو قتل ۽ پوءِ لاش جي بي حرمتي ، ڪربلا جي شهيدن جي ڌاهڙن تي سبيل ورهائيندي رهزنن هٿان اغوا ٿيل معصوم پريا ڪماري ۽ ٻيا به ڪيترائي هيان ڏاريندڙ واقعا جيڪي قانون جي رکوالن لاءِ سواليه نشان طور موجود آهن ۽ انهن جي ضمير کي هر وقت جنجهوڙي رهيا آهن ته جنهن ڌرتي کي صوفين ، درويشن ۽ امن جي پرچار ڪندڙن جي ڌرتي ڪوٺيون ٿا اتي رهزنن جو راڄ قائم آهي ۽ عوام جي حفاظت لاءِ قائم ڪيل ادارا جيڪي ڪارڪردگي وارين رپورٽن جي حد تائين ته هڪٻئي کي تمغن ۽ ميڊلن سان نوازي رهيا آهن پر حقيقت انهي جي ابتڙ لڳي پئي آهيهر باشعور ماڻهو اهو سوچڻ تي مجبور آهي ته هي سيڪيورٽي ادارا آخر ڪهڙي مرض جي دوا آهن. تازو سينيٽ جي انساني حقن واري فنڪشنل ڪاميٽي ۾ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ پيش ٿي پنهنجي ڪاتي جي ڪارڪردگي تي روشني وجهندي نينگري پريا ڪماري جي اغوا واقعي بابت چيو ته پرياڪماري جي ڪيس معاملي تي اسان کي مايوسي ٿي آهي،پوليس چيف جي مايوسي تي افسوس به ڪهڙن لفظن سان ڪجي نينگري جي بازيابي لاءِ پهريان سنڌ جي گهرو وزير ۽ ٻين پوليس آفيسرن جا مختلف بيان به ايندا رهيا جنهن ۾ اهو به چيو ويو ته اسان پريا ڪماري جي بلڪل ويجهو پهچي چڪا آهيون. نينگري جلد بازياب ٿيندي انهن آٿن آڏار پنهنجو وڏو وقت ڪڍيو ويو آهي ۽ رزلٽ زيرو کان زيرو تي ٽي بيٺل آهي وري پوليس چيف جي هن معاملي تي بيوسي ۽ مايوسي به امن امان جون ڌڄيون اڏائڻ کان گهٽ نه آهي، ائين ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر جي ڪيس ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري بابت ايف آءِ اي به ساڳي ريت ورجا ڪندي عدالت ۾ رپورٽ پيش ڪري ٿي ۽ ايف آءِ عملدار چوي ٿو ته ڪوشش ڪئي پر جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن عدالت جي حڪم باوجود به جوابدارن قانون جي ڪٽهڙي ۾ نٿا آڻي سگهجن جنهن مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو اڄان کي اهڙيون به طاقتور ڌريون آهن جيڪي قانون کي تماشو بڻائي رهيون آهن ۽ جن اڳيان قانون هڪ مذاق هئڻ کان سواءِ ڪجهه ناهي ، سينيٽ جي انساني حقن واري فنڪشنل ڪاميٽي ۾ شهيد جان محمد مهر جي قاتلن جي گرفتاري بابت به آءِ جي سنڌ اهائي ڳالهه ورجائي ته مک قاتل جلد ڪٽهڙي ۾ هوندو. اهو ته واقعي ڪانپوءِ شهيد جي قتل واري ڏينهن کان ٻڌي رهيا آهيون هاڻي ڪو نئون ڀاشن ڏنو وڃي . تماشو به گهڻو ٿي چڪو آهي انهي ڪري امن امان بحال ڪرڻ جي ذميواري ڪندڙ ادارن کي جي حضوري واري واٽ ڇڏي عزت وقار جي الم کي ڪڙو ڪري عوام جي دلين ۾ پنهنجي لاءِ همدردي واري جاءِ والارڻ گهرجي ائين نه ٿئي ته تازو وڪيلن ۽ پوليس وچ ۾ ٿيل تڪرار دوران جيڪو نظر آيو جنهن ۾ ڪٿي به ڪا ترجيتري عوامي همدردي به قانون جي محافظن جي حق ۾ نظر نه آئي انهيءَ جاءِ تي اچي قانون جي رکوالن پنهنجي مورال کي بيهاريو آهي، سنڌ سميت پوري ملڪ ۾ اسان جي سيڪيورٽي ادارن کي قانون جي رٽ قائم ڪرڻ لاءِ پنهنجا فرض نڀائيندي ڪنهن جي دٻاءَ توڙي ياري دوستي کي نظر ۾ رکڻ بدران ڪي نوس قدم کڻڻ گهرجن جنهن سان قانون تي ڪڄندڙ آگر مخالفت بدران قانون جي حق ۾ اٿڻ گهرجي. امن امان قائم ڪرڻ سيڪيورٽي ادارن جي ذميواري آهي انهي ڪري ڪير ڏاڍو ۽ ڪير هيڻو آهي انهي حساب سان قدم کڻڻ بدران قانون ۽ انصاف جي رٽ کي بحال رکڻ لاءِ پنهنجيون خدمتون ڏنيون وڃن ڇاڪاڻ ته هن وقت جتي عوام ٻين ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي اتي محافظن جي حفاظتي قدمن مان تحفظ بدران خوف وڌيڪ لڳي رهيو آهي.

بقايا 01

ماڇي تي تشدد واري واقعي جو جرڳو ڳوٺ شهمير راهو ۾ رئيس نظير احمد راهو جي سرپرستي ۾ ٿيو جرڳي ۾ ائن جٽن کي ڏوهي قرار ڏيندي مٿن ڏهه لک روپيا ڏنڊ رکيو ويو. ٻئي ڌرين فيصلو قبول ڪندي پاڻ ۾ ڪير ڪنڌ ٿي ويون. 11 ڏينهن اڳ مبينا چور ٻاءِ پاس تي توفيق ملڪ جي فرجن جي دڪان مان ڪمپريسر چوري ڪري رهيو هو ته دڪاندارن سنڌس وڊيو رڪارڊ ڪري ڪيس پڪڙي ورتو ۽ پهرئين وڻ سان ٻڌي بدترين تشدد ڪيو بعد ۾ پرسان گهر اندر وٺي پيهر سخت تشدد جو نشانو بڻائي پوليس حوالي ڪيو هو. وڊيو وائرل ٿيڻ بعد ۽ سولنگي برادريءِ جي احتجاج بعد نيوسعيدآباد ٿاڻي تي مبينا چور علي ٻاٽهون جي مامي علي گوهر پٽ گل محمد ماڇي جي فرياد تي ائن جٽن توفيق ملڪ. اويس سمون. ياسين. بهادر ڪوري. اڪبر رند ۽ ٻن نامعلومن تي ڪيس داخل ڪيو ويو هو جنهن مان هڪ علي اڪبر رند کي پوليس گرفتار ڪيو هو باقي جوابدارن ضمانت ڪرائي ورتي هئي.

بقايا 02

مينيجمينٽ بورڊ ۽ چائنيز گينسو ڪمپني جي عملدارن جي هدايتن تي صفائي جي عملي طرفان ڪالهه شب بارات جي موقعي تي شهر جي مختلف علائقن بندر روڊ، بئنڪ اسڪوائر، گرلس ڪاليج روڊ، وي آءِ پي روڊ، ايس ايس پي چوڪ، چانڊڪا پل، سچل ڪالوني، شهباز ڪالوني، قائم شاهه بخاري روڊ، جناح باغ چوڪ، لاهوري محلا، پاڪستاني چوڪ، سبزي منڊي، يار محمد ڪالوني، پينس ڪالوني، نظر رحمت پور، شيخ زيد ڪالوني، پراڻو بس اسٽينڊ، باقراڻي روڊ، مراد واهڻ، علي گوهر آباد، نئون ديرو چوڪ، گجڻ پور، الهه آباد، خالق ڪالوني، دودائي روڊ، عاقل روڊ، پروفيسر ڪالوني سميت ٻين علائقن ۾ قائم مسجدن ۽ امام بارگاهن اڳيان صفائي سترائي ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ صفائي جي عملي جو چوڻ هيو ته اسان روزاني جي بنياد تي سموري شهر اندر صفائي سترائي ڪندا آهيون. پر اڄ شب بارات جي موقعي تي سنڌ سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ بورڊ ۽ چائنيز گينسو ڪمپني جي عملدارن جي خاص هدايتن مختلف مسجدن ۽ امام بارگاهن جي پرپاسي ۾ صفائي جا انتظام بهتر ڪيا ويا آهن ته جيئن مسلمان ڀائرن کي عبادت ڪرڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه پهچي سگهي.

بقايا 03

شاهه سان جاپان جي سفير اڪاماتسو شيوچي (AKAMATSU Shiochi)وزيراعلي هائوس ۾ ملاقات ڪئي. جنهن دوران ٻه طرفي لاڳاپن ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. وڏي وزير جاپان جي ڪمپنين کي ڪراچي جي ماس ٽرانزٽ رٿائن ۾ سيڙپڪاري جي آڇ ڏيندي چيو ته سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ ٽرانسپورٽ جي نظام کي بهتر ڪرڻ لاءِ اپاءَ وٺي رهي آهي ته جيئن ماڻهن کي بهترين سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن. وڏي وزير چيو ته سنڌس حڪومت ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ واري شعبي ۾ پڻ ڪم ڪري رهي آهي ته جيئن ماحولياتي تحفظ ۽ صاف پاڻي جي فراهميءَ کي يقيني بڻائي سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته جاپان جون ڪمپنيون ڪراچيءَ ۾ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ وارين رٿائن ۾ شامل ٿين.چو ته سنڌ حڪومت فارن ڊائريڪٽ انويسٽمينٽ (ايف آءِ ڊي) ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ (پي پي پي) تحت مختلف ترقياتي رٿائون هلائي رهي آهي. جاپاني سفير اڪاماتسو شيوچيءَ سنڌ ۾ ٽرانسپورٽ ۽ ويسٽ واٽر ٽريٽمينٽ وارن شعبن ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي ظاهر ڪندي چيو ته جاپاني ڪمپنيون سنڌ ۾ سيڙپڪاري جا موقعا ڏسي رهيون آهن

بقايا 04

شفق چاچڙ اسسٽنٽ ڪمشنر نيو تعلقو سکر ۽ حساس ادارن جي گڏيل ڪارروائي ڪري گودام مان لکين رپين جون دوائون برآمد ڪئي وئي آهي جڏهن ته برآمد شد ڪروڙ کان وڌيڪ جون دوائون ضبط ڪيون ويون. جنهن ۾ 284 ڪارٽون ۽ ٻيا غير معياري دوائون شامل هيون گودام جي مالڪ مغل برادري سان تعلق رکندڙ مالڪ ڇاپو لڳڻ دوران فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.صحت کاتي جي ڊرگ انسپيڪٽر شفق چاچڙ حساس ادارن توڙي روينيو کاتي جي آفيسرن ۽ پوليس گڏجي ڪارروائي سرانجام ڏني ڊرگ انسپيڪٽر شفق چاچڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي ٻڌايو ته ڪيترن ڏينهن کان انهن جعلي دوائن جي وڪري بابت اطلاع ملي رهيو هو جنهن بعد حتمي ڪارروائي ڪئي وئي آهي. ضبط ڪيل دوائن کي تصديق لاءِ ڪراچي ليبارٽري موڪليو ويندو رپورٽ اچڻ ڪانپوءِ قانوني ڪارروائي تحت ڪيس داخل ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته جعلي دوائن جو ڪاروبار انساني زندگين سان کيڏڻ برابر آهي. ۽ سکر ۾ ميڊيڪل اسٽورن ۽ گودامن تي وڌيڪ ڇاپا لڳائي غير معياري دوائن جو ڪاروبار مڪمل طور ختم ڪيو ويندو

بقايا 05

قريشي درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي پهچي درگاهه تي هلندڙ ڪمن جو جائزو ورتو ناقص ڪارڪردگي تي ڪرڻ تي اوقاف مينيجمر جميل انصاري تي ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ان موقعي تي چيف ايڊمنسٽريٽر چيو ته قلندر لعل شهباز مزار تي هلندڙ ڪمن مان مطمئن ناهيان جيترو اسان کان ٿي سگهيو آهي اهو ڪيو آهي صفائي سترائي جو خيال رکيو ويو آهي درگاهه تي 186 سي سي ٽي وي ڪئميرائون لڳايون آهن هن چيو ته 4 واڪ ٿرو گيٽ خراب آهن جن جي مرمت لاءِ حيدرآباد کان ٽيم گهرائي آهي جن جو ڪم جاري آهي جلد صحيح ٿي ويندا باقي ٻيا واڪ ٿرو گيٽ فڪشنل آهن هن چيو ته عرس مبارڪ تي ايندڙ زائرين جي سهولتن لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي

بقايا 06

۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ٽريزري آفيس شهيد بينظير آباد (نواب شاهه) جي انچارج حبيب الرحمان جي ناجائزين خلاف پريس ڪلب جمال شاهه اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي وئي، ان موقعي تي هنن ڊاڍهيندي چيو ته ٽريزري آفيس نواب شاهه جو انچارج حبيب الرحمان ايريگيشن کاتي جي نئين ملازمن جي پگهار رشوت نه ڏيڻ سبب بناجواز بند ڪري ڇڏي ٿو ۽ پگهارون جاري ڪرڻ لاءِ لکين رپيا رشوت ورتي وڃي ٿي، هنن الزام هڻندي چيو ته ٽريزري آفيس ۾ رشوت لاءِ ايجنٽ مقرر ڪيا ويا آهن. جن معرفت رشوت وٺي ڪين پريشان ڪيو وڃي ٿو جڏهن ڊايريگيشن کاتي جي 4 اسڪيل جي ملازم عاشق حسين ڪوسو جي رٽائرمينٽ ڄاڻائي هن جي 4 مهينن کان پگهار بند ڪئي وئي آهي، ان موقعي تي عاشق حسين ڪوسي ڊاڍهيندي چيو ته منهنجي شناختي ڪارڊ ۽ ميڊيڪل سرٽيفڪيٽ ۾ اڃان سروس جا 6 سال رهن ٿا، جڏهن ته ٽريزري جي آفيسر وقت کان اڳ منهنجي رٽائرمينٽ ڄاڻائي منهنجي ٻچڙن کي فاقاڪشي ڪٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي، جيڪڏهن مون کي پگهار نه ڏني وئي ته 15 فيبروريءَ تي ٽريزري آفيس اڳيان احتجاج دوران پاڻ کي معصوم ٻچڙن سميت باهه ڏئي ساڙي ڇڏيندس، هنن چيو ته ٽريزري آفيس ڪرپشن جو ڳڙهه بڻجي وئي آهي، اينٽي ڪرپشن ۽ واسطيدار ڪاٿا نوٽيس وٺي سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري ايريگيشن کاتي جي ملازمن جون پگهارون جاري ڪري سائن انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ 15 فيبروري تي ٽريزري آفيس اڳيان احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 07

جو باني ميمبر هو. ڪيترائي ڀيرا پاڻ پريس ڪلب جو صدارتي منصب ماڻيو. گذريل 30 سالن کان پاڻ روزاني ڪاوش ۽ ڪي ٽي اين جو ڪنڊڻ ۾ رپورٽر هو. ڪجه ڏينهن اڳ ۾ ڪنڊڻ پريس ڪلب پاران ڪيس سرپرست اعلي جو اعزاز پڻ ڏنو ويو هو. ڪنڊڻ پريس ڪلب جي صدر ظفر حسين حيدري جي صدارت ۾ ٿڪڙي سڏايل تعزيتي اجلاس ۾ مرحوم عبدالله جي صحافت جي حوالي سان ڪيل خدمتن کي ڀيٽا ڏني وئي ۽ مرحوم جي درجات جي بلندي لاءِ دعاءِ خير گهري وئي.

بقايا 08

تحفظ واري کاتي سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل نعيم احمد مغل جي هدايت تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر گهوٽڪي اسد تنيو جي سربراهي ۾ انوارميمنٽل ليبارٽري جي ٽيڪنڪل ٽيم جي کي شوگر مل ۽ ايس جي اير شوگر مل پهچي واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ سميت ڪيري ڊمپ واري هنڌ توڙي پرپاسي جي ماحول جو دورو ڪري جديد آلاتن ذريعي ماحول جو جائزو ورتو وئي وهندڙ پاڻي سميت مختلف نمونا ورتا. ان موقعي تي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ماحولياتي تحفظ ايڪٽ 2014 موجب شوگر ملز جو جائزو وٺي رهيا آهيون ته جيئن ماحول جي تحفظ جي يقيني بڻائي سگهجي ان سلسلي ۾ ڊائريڪٽر جنرل نعيم احمد مغل ۽ ريجنل ڊائريڪٽر اجمل خان جي خصوصي هدايتن تي شوگر ملز جو دورو ڪري صورتحال جو جائزو ورتو آهي ته جيئن ضابطه اخلاق تي مڪمل عمل ڪرائي سگهجي. هن چيو ته ماحولياتي تحفظ وارو کاتو ماحول جي تحفظ لاءِ سرگرم آهي سنڌ حڪومت جي ايڪٽ جي خلاف ورزي ڪندڙن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 09

ڪلب آڏو سنڌ جا هزارين استادن مطالبن جي مڃتا لاءِ سراپا احتجاج ٻڌيل آهن آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن جو مرڪزي اڳواڻ حاجي شفيع محمد سنڌيو سنڌ جي هزارين پرائمري استادن سميت مسلسل چئن ڏينهن کان ڪراچي پريس ڪلب آڏو ڪيمپ قائم ڪري سراپا احتجاج ٻڌيل آهي. پرائمري استادن جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سنڌيو سڪندر علي جتوئي، گل محمد همو پوٽو، عتيق الرحمان سولنگي، بادل دل، ذوالفقار سمائر، پرديپ ڪمار، عمران ڪورائي، مجيب جوڻيجو، شفيق احمد جتوئي ۽ نور محمد سومرو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ڪيترن ئي سالن کان سنڌ حڪومت آڏو سنڌ جي پرائمري استادن جا مسئلا جنهن ۾ سروس اسٽرڪچر، انيشل ڊيٽ آف اپائيمنٽ کان ريگيولرائيزيشن، بائيو ميٽرڪ ڊويزن ليول تي آڻڻ، پرائمري اسڪولن مان ڪلسٽر هب سسٽم جو خاتمو ڪري اسڪولن جي پراڻي حيثيت بحال ڪئي وڃي ۽ ايس ٽي آر پاليسي جي آڙ ۾ جبري بدليون ڪرڻ جهڙا ڪيترائي جائز مسئلا جيڪي سنڌ گورنمنٽ حل ڪرڻ لاءِ عدم دلچسپي جو مظاهرو ڪري رهي آهي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سنڌيو هزارين استادن سميت سنڌ حڪومت کان اهو مطالبو ڪيو ته استادن جا جائز مسئلا فوري طور تي حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ سنڌ جي لکين استادن سميت جلد کان جلد بلاول هائوس ڪراچي جو گهيراءُ ڪيو ويندو.

بقايا 10

ڦر ڪري سانگهڙ طرف فرار ٿيا ڳوٺاڻن بر وقت ڦورن جو پيڇو ڪري ڳوٺ سهڻو عمراڻي لڳ ڦورن جو گهيراءُ ڪري ڪين پڪڙي ورتو جنهن بعد چوٽياريون ٿاڻي جي پوليس سانگهڙ پوليس ۽ ڊي ايس پي سانگهڙ لونگ شر سر زمين تي پهچي ڦورن کي گرفتار ڪري سانگهڙ روانا ڦورو هڪ جانب جمالي ۽ ٻيو خالق عرف خالقو ملاح ٻڌايو پيو وڃي

بقايا 11

وٽ درخواست داخل ڪرائي ڇڏي متاثر شخص پيرسن محمد ملوڪ شيخ پٽ عارب شيخ ڪمشنر سکر آفيس جي مين گيٽ ٻاهران احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو داهيندي ٻڌايو آهي ته 1971 ۾ سنڌس والد مرحوم محمد عارب شيخ پنهنجي زمين سڪني ڪرائي ڳوٺ آباد ڪيو عارب شيخ جي اولاد پنج ڀائر ۽ ٻه ڀينر آهيون جنهن مان پنج وارث فوت ٿي ويا آهن ٻه حيات آهيون محمد ملوڪ شيخ ٻڌايو ته ڳوٺ ۾ رهندڙ ڏهه ڄڻن قلندر بخش وزير ۽ ٻين پاڻ کي محمد عارب شيخ جو اولاد ظاهر ڪري جعل سازي ذريعي جعلي ڪاتا ٺهرائي والد جي ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي ۽ اصل مالڪ مالڪ شيخ خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي حراسان ڪري رهيا آهن. جڏهن ته ڪجهه ڏينهن اڳ جوابدارن منهنجي گهرجي لوڙهي کي باهه ڏئي سوين مڻ ڪاٺيون به ڪٽي ويا ۽ گهر تي قبضو ڪري رهيا هئا ته سائيٽ ايريا ٿاڻي تي رپورٽ داخل ڪرائي جنهن بعد شيخ برادري جا معزز ماڻهون علي مردان شيخ وڏيرو گلزار احمد شيخ ۽ ٻيا وچ ۾ پئي ڪين آزاد ڪرايو ۽ شيخ برادري جي نيڪ مردن ڪيل واعدي تي عمل ناهي ڪرايو جنهن سبب جوابدارن کان مون سميت خاندان جي حياتين کي خطرو آهي محمد ملوڪ شيخ جو چوڻ هو ته عدالتن به منهنجي حق ۾ فيصلو ڏنو آهي ان باوجود جوابدار بلاجواز پريشان پيا ڪن هن آءِ جي سنڌ ڊي ءِ جي سکر ڪمشنر سکر ڊويزن ڊي سي سکر ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته ڄاڻايل عمل جو نوٽيس وٺندي شفاف جاچ ڪرائي جعلي ڪاتا رد ڪرائڻ سميت ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

بقايا 12

سنڌ جو ماڻهو ڪمشور ڪان ڪيٽي بندر تائين سراپا احتجاج آهي، حڪمرانن کي سنڌ دشمن فيصلا واپس وٺڻا پوندا، سنڌ جي وجود سان ئي هر ڳالهه سلهاڙيل آهي. جڏهن ته پاڻي ماهر اوپايو خشڪ سينيٽر سسئي پليجو کي سنڌس انگريزي، اردو ۽ سنڌي ۾ لکيل ڪتاب تحفي طور ڏنا. ان موقعي تي ناليوارو محقق ۽ اديب ڊاڪٽر محمد علي مانجهي، ڊاڪٽر يعقوب خشڪ، فاروق پليجو. فيض محمد ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

بقايا 13

. نتيجي ۾ پنيور روپائي نالي ڳوٺاڻو موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته ٽي ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا. ريسڪيو ذريعن موجب، زخمين کي ڳنڀير حالت سبب سجاول اسپتال ۾ طبي امداد ڏيڻ بعد حيدرآباد اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي.

بقايا 14

ڪمشنر ڏوڪري ميڊم فرزانه ميراڻي پاران روينيو ڪاتي جو عملو ساڻ ڪري باڊهه شهر ۾ شب برات جي موقعي تي گوشت،مڇي، سبزي ۽ فروٽ سميت عام واهپي جي شين جي مختلف دڪانن جو اوچتو دورو ڪري ڪاڌي پيتي جي شين جي اگهن بابت معلومات ورتي،جڏهن ته وڌيڪ اگهه وٺندڙ ڪيترن ئي دڪاندارن کان ڏنڊ پڻ وصول ڪيو ويو،ان موقعي تي اي سي ڏوڪري ميڊم فرزانه ميراڻي دڪاندارن کي هدايتون ڏيندي چيو ته سرڪار پاران مقرر ڪيل ريٽ لسٽ تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ وڌيڪ اگهه وٺندڙ واپارين ۽ دڪاندارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي.

بقايا 15

سائنس سبجيڪٽ جي هڪ سکيا سرگرمي ڇاڻڻ واري عمل جي هيڊ ماستر راشد احمد شيخ ۽ وسيم اياز ميراڻي جن ٻارن کي سيکاري ۽ انهن کان پريڪٽيڪل ڪرائي رهيا آهن هن سرگرمي ۾ دلچسپي سان حصو وٺندڙ شاگردن محمد طيب اسدالله اسرار احمد منيراحمد ۽ ڪلاس جا ٻيا شاگرد به موجود هئا. ان موقعي تي هيڊماستر راشد احمد شيخ ۽ ٻين استادن ڳالهائيندي چيو ته سکيا وارو اهو عمل ڏسندي تمام گهڻي خوشي ٿي يقنن والدين ۽ سموري سنڌ جا استاد پنهنجي پنهنجي علائقن جي اسڪولن ۽ شاگردن سان محنت ۽ لگن سان ڪم ڪن ته اسان جي سموري سنڌ جي تعليم جو معيار به عالمي ليول جهڙو بهترين ٿيندو جيئن هن هڪ پسمانده ڳوٺ جي هن اسڪول ۾ اهڙي قسم جون سرگرميون روزمره ڪرايون وڃن ٿيون جنهن ۾ استادن جو تمام گهڻو ڪردار آهي اهڙي ڪردار جا استاد تاريخ ۾ هميشه امر رهندا آهن

بقايا 16

ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت تي فائرنگ، نوجوان مڙسي ڪري موٽرسائيڪل بچائي ورتي، جوابدار گرفتار ڪرڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد راڻو اسٽاپ ويجهو هٿياربندن جاويد علي سبزوئي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سندن کان 2025 ماڊل موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت ڪرڻ تي هٿياربند جي فائرنگ، هٿياربندن آسائي سان فرار ٿي ويا، نوجوان مڙسي ڪري موٽرسائيڪل بچائي ورتي، متاثر نوجوان سي سيڪشن انچارج سفير جاگيراڻي کان جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو جوابدار گرفتار نه ڪرڻ تي تحريڪ جو چتاءُ ڏنو

بقايا 17

عوامي پريس ڪلب ۾ سال 2025ع لاءِ چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري تقريب علمدار چوڪ تي ٿي، تقريب جي خاص مهمان ضلعي ڪائونسل ڪشمور جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي، اي ايس پي محمد عاشر جن هئا. سينئر صحافي اختر شيخ قرآن پاڪ جي تلاوت سان تقريب جي شروعات ڪئي. ڊسٽرڪٽ عوامي پريس ڪلب جي صدر سيد وسيم شاهه بخاري ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي کي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو. اي ايس پي ڪشمور محمد عاشر کي سينئر صحافي رشيد ميمڻ اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ويو، پريس ڪلب جي پروگرام ۾ سٽيزن ايڪشن ڪميٽي، ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ڪشمور، نيشنل پريس ڪلب ڪشمور، پاڪستان ميڊيا سينٽر ڪشمور، پٺاڻي ميڊيا سينٽر،انصاف ميڊيا سينٽر جي صحافين ۽ شهرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي نئين چونڊيل صدر سيد وسيم شاهه بخاري چيو ته هو پروگرام ۾ شرڪت ڪندڙ معززين جا ٿورائتا آهن. ڊسٽرڪٽ عوامي ڪلب جو مشن عوام جي مسئلن کي اعلي ايوانن تائين پهچائڻ آهي، پروگرام کي خطاب ڪندي ضلعي ڪائونسل جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي چيو ته ڊسٽرڪٽ عوامي پريس ڪلب مظلوم عوام جي نمائندگي ڪري ٿي ۽ هميشه ڪشمور جي مسئلن تي آواز اٿاريندي آهي. آخر ۾ مهمان خاص ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي چيئرمين مير گل محمد جکراڻي، نئين چونڊجي آيل صدر سيد وسيم شاهه بخاري، نديم احمد ملڪ جنرل سيڪريٽري انور علي ملڪ آفيس سيڪريٽري ۽ ٻين عهديدارن کي حلف کڻايو

بقايا 18

يونيورسٽي ۾ پهريون اسپورٽس گالا 2025ع شروع ٿي ويو آهي جنهن جو افتتاح مهمان خاص ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو، يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر محمد عثمان ڪيريو، وڏي وزير جي معاون خصوصي خيرمحمد شيخ، ميئر لاڙڪاڻو ايڊووڪيٽ انور علي لُهر، چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اعجاز احمد لغاري، وائيس چانسلر شهيد محترمه بينظير ڀٽو ميڊيڪل يونيورسٽي پروفيسر نصرت شاهه ۽ ٻين گڏجي ڪيو. افتتاحي تقريب ۾ ٽائون چيئرمين وقارعلي ڀٽو سرفراز علي ڪوڪو، وائيس چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو اسدالله ڀٽو ڊين فيڪلٽي آف ايگريڪلچر ڊاڪٽر سلطان ميتلو رجسٽرار رفيق احمد ڪوسو چيئرمين اسپورٽس گالا ڊاڪٽر امتياز حسين لغاري، چيئرمين انگلش شعبو خليل جبران عباسي، چيئرمين اليڪٽريڪل ڊاڪٽر عابد علي شاهه، چيئرمين بزنس شعبو غلام مصطفيٰ شيخ، چيئرمين ڪمپيوٽر سائنس ڊاڪٽر سجاد ڀٽي، چيئرمين اليڪٽرنڪس ڊاڪٽر خليل ذوهيب ڪمبوهه، چيئرمين ميڪنيڪل ڊاڪٽر خالد حسين سولنگي، ڊائريڪٽر اسپورٽس سجاد حسين ڪوسو، سيڪريٽري ٽو وائيس چانسلر نصرالله اوڊانو ڊائريڪٽر فنانس ايڊ وجاهت شهين مڪاني، صدر ايمپلائيز ويلفيئر ايسوسيئشن سراج احمد ڀٽو چيف سيڪيورٽي آفيسر حميد سومرو، ڊائريڪٽر ايڊمن فيڪلٽي آف ايگريڪلچر ڊاڪٽر شاهنواز کهڙو، ساحر حسين ڀيچوهو، سليم رضا سانداڻو، شڪيل گهانگهرو، يونيورسٽي جي فيڪلٽي ميمبرن، آفيسرن، ملازمن ۽ شاگردن وڏي انگ شرڪت ڪئي. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي خاص مهمان ايم پي اي لاڙڪاڻو جميل احمد سومرو چيو ته شاگردن کي تعليم سان گڏ رانديون به ضروري آهن. هن يونيورسٽي کي هڪ سال ٿيو آهي، يونيورسٽي ۾ نئين داخلا ۽ اسپورٽس گالا ڪرائڻ تي وائيس چانسلر کي مبارڪباد ڏيان ٿو هو ڏانهن اسپورٽس جي پهرين ڏينهن گرلس ميوزيڪل چيئر جا مقابلا ٿيا جنهن ۾ هر فيڪلٽي مان 4 گرلس شاگرديائين حصو ورتو. اهڙي طرح ميوزيڪل چيئر جي مقابلن ۾ پهرين پوزيشن ايگريڪلچر فيڪلٽي جي سميرا سوهو، ٻئين پوزيشن فيڪلٽي انجنيئرنگ جي فضا شيخ ۽ ٽئين پوزيشن فيڪلٽي آف سائنس جي عليذه ڀٽي حاصل ڪئي. شاگردن جي رساڪشيءَ جي مقابلن ۾ 8 ڊپارٽمينٽن جي شاگردن حصو ورتو اهڙي طرح رساڪشيءَ جي پهرين رائونڊ ۾ ايگريڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ٽيم بزنس ڊپارٽمينٽ جي ٽيم کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي ورتي. ٻئين رائونڊ ۾ اليڪٽريڪل ڊپارٽمينٽ جي ٽيم انگلش ڊپارٽمينٽ جي ٽيم کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي ورتي. ٽئين رائونڊ ۾ اليڪٽرانڪس ڊپارٽمينٽ جي ٽيم ميڪنيڪل جي ٽيم کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي ورتي. چوٿين رائونڊ ۾ ڪمپيوٽر سائنس ڊپارٽمينٽ جي ٽيم سول ڊپارٽمينٽ جي ٽيم کي شڪست ڏئي ڪاميابي ماڻي ورتي. ان کان اڳ وائيس چانسلر پروفيسر محمد عثمان ڪيريو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪندي ڪين شيلڊون، سنڌي ٽوپي ۽ اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. افتتاحي تقريب ۾ اسڪول جي ٻارن ٽيبلوز پيش ڪري ثقافتي گيتن تي جمهريون هنيون.

بقايا 19

ٽائين سار سنڀال ڪرڻ جي سزا جو حڪم ٻڌايو عدالت جوابدار کي پيرول تحت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر هوم ڊپارٽمينٽ کي جوابدار جي رپورٽ هر مهيني جمع ڪرائڻ جي هدايت پڻ جاري ڪئي. عدالتي حڪمن تحت اسسٽنٽ ڊائريڪٽر حبيب الله جوابدار کي ساڻ ڪري ڊسٽرڪٽ جيل پرسان ۽ سندس اباڻي ڳوٺ جي پرائمري اسڪول ۾ وڻ پوکرايا آهن اسسٽنٽ ڊائريڪٽر حبيب الله جو چوڻ هو ته هڪ سال تائين جوابدار وڻن جي سار سنڀال لهندو ۽ اگر ڪو وڻ سڙي ويو ته پيهر پوکيندو هن چيو ته هر مهيني جوابدار جي چال چلت ۽ وڻن جي سار سنڀال بابت رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي ويندي. جوابدار سمير پنڊ خلاف دادو جي بي سيڪشن ٿاڻي تي گناهه نمبر 184/2024 تحت سرڪاري فرياد تي ڪيس داخل هو..

بقايا 20

آهي ميلي جون تقريبون درگاهه جي گادي نشين فقيرصدام حسين جوڻيجوءِ فقير غلام حسين جوڻيجو درگاهه بهرم بري شير جي مزارتي قرن خواني بعد گلن چادر چاڙهي ڪيو ويو جڏهن ته هن ۾ ميلي ۾ وڏي تعداد ۾ دڪانداري لڳائي وئي آهي جنهن ۾ ڪشمش پڪي مٺائي ماجون ڪير پڙاپڪل مڇي جا دڪان. مجاري جا دڪان مال جي شوقينن جي لاءِ مال جي سينگارجا دڪان ٻارڙن توڙي وڏن جي تفريح لاءِ جهولا سرڪس چڙيا گهرماما لالو موالي مجو شو پڻ ميلي ۾ هلندڙ آهن جڏهن ته ميلي ۾ سنڌجي مشهور شخصيتن وڏيرو محمد خان جوڻيجو شاهجهان جوڻيجو سلام خان زرداري ضامن علي زرداري بشارت زرداري فقير علي حيدر سڏيراڻي فرازاحمدراڄڙ وڏيرو غلام رسول وساڻ وڏيرو فقير مولابخش وساڻ خيرمحمد راڄڙ ناڪر نعيم خان قائمخاني محمد لائق چانڊيوءِ ٻين نالي واري شوقينن جا گهوڙا ميدان ۾ لٿل آهن جڏهن ته ميلي ۾ چار ڏينهن پڻ ملاکڙو ٿيندو جنهن ۾ سنڌءِ پنجاب جا نالي وارا رستم ملهه پهلوان پڻ آيل جيڪي پنهنجي پهلوانيءِ جا جوهر ڏيکاريندا ميلي ۾ امن امان برقرار رکڻ لاءِ ايس ايس پي سانگهڙ پاران سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا آهن

بقايا 21

چيو آهي ته خيرپور انسٽيٽيوٽ آف فزيوٿراپي اينڊ ريهيبليٽيشن جهڙي تعليمي اداري جي داخلا مهر لاءِ غيراخلاقي پمفليٽ جاري ڪيا ويا آهن جن جي مذمت ڪريون ٿا. هنن چيو ته لمس يونيورسٽي ڪان افيليئيشن تحت خيرپور انسٽيٽيوٽ فزيوٿراپي تعليم جي ترقي جي نالي تي ڪم ڪري پيو پر درحقيقت ڪجهه ابتڙ آهن هن اداري ۾ شروع ڪان ئي ناچ گانا، ميوزڪ مستي جو ماحول پيدا ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان کي گهرجي ته اسلامي ملڪ جي اسلامي ۽ اخلاقي معاشري جي تربيت اخلاقيات تي ٻڌل رکون پر افسوس آهي جو سکيا ڏيندڙ تعليمي ادارا جيڪڏهن اخلاقيات کي توڙڻ جي شروعات ڪندا ته ان معاشري مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي.

بقايا 22

سيشن جج لاڙڪاڻو جي عدالت ۾ ڦٽي ۽ حملي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪرائي هئي، جنهن کان پوءِ عدالتي حڪم تي زميندار مدد علي ڪچي جي فرياد تي حد جي پڪو ٿاڻي تي جوابدارن سرفراز اسراڻ، عبدالغفار پٽي، غلام حسين سهتو مظهر علي اسراڻ، پيارو ميڪڻ سميت پنج نامعلوم جوابدارن مٿان ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي، جنهن ۾ فريادي موقف اختيار ڪيو آهي ته ڀتو نه ڏيڻ تان گذريل 4 فيبروري تي ڳوٺ ڪمال ڪوڪر وٽ ڄاڻايل جوابدارن مون مٿان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻائيندي هٿيارن جي زور تي 35 هزار روڪ رقم ۽ شناختي ڪارڊ ڦري فرار ٿي ويا هئا. ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي زميندار مدد علي ڪچي الزام لڳائيندي چيو ته بااثر سرفراز اسراڻ ۽ ٻين جوابدارن مونکان 10 لک روپيا ڀتو طلب ڪيو هيو جڏهن ته ڀتو نه ڏيڻ تان هنن مون مٿان حملو ڪري تشدد جو نشانو بڻائيندي 35 هزار ۽ شناختي ڪارڊ ڦر ڪيو جنهن بعد اسان مسلسل انصاف لاءِ انجهائيندا رهيا سين. پر ڪو تدارڪ نه ٿي سگهيو هو هن وقت عدالتي حڪم تي بااثر سرفراز اسراڻ ۽ ٻين مٿان ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي. هن وس وارين اعلي اختيارين کي اپيل ڪئي ته ڪيس ۾ ڄاڻايل سمورن جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ سان گڏ اسان کي تحفظ فراهم ڪري انصاف ڪيو وڃي.

بقايا 23

سنڌ جو تاريخي احتجاج هوندو جيڪو حڪمرانن جون وايون بتال ڪري ڇڏيندو اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي 24 فيبروري تي سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران رٿيل احتجاجي ريلي ۽ يوم مادر وطن جي تيارين جي سلسلي ۾ جوڙيل ڪميٽين سان اجلاس دوران ڪيو هن چيو ته سنڌ اسان جي ماءُ ۽ سنڌو ۾ اسان جو ساهه مهر جي سلسلي ۾ سڄي سنڌ جي دوري سان سڄي سنڌ کي اتساهه مليو آهي. عوام پنهنجي مادر وطن جي تحفظ ۽ سنڌو درياءَ جي حفاظت لاءِ تيار آهي. 24 فيبروري تي جڏهن لکين ماڻهو حيدرآباد ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي هٽڙي بائي پاس حيدرآباد وٽ يوم مادر وطن جي جلسي عام ۾ گڏ ٿيندا ته هنن حڪمرانن جون وايون بتال ٿي وينديون. هي سنڌو درياءَ جي مالڪي جي لاءِ تاريخي احتجاج هوندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌو درياءَ کي حڪمران سُڪائي سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهين ٿا پر سنڌ جا ماڻهو سندن ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ دفن ڪري ڇڏيندا. سنڌو درياءَ واحد ذريعو آهي جنهن سان سنڌ جوجياپو آهي. سنڌ جو زيرزمين پاڻي ڪارو هجڻ سبب سنڌ جو ڪو ٻيو وسيلو ناهي پر هي بدمست حڪمران سنڌ کان اهو ذريعو به ڇنڻ چاهين ٿا. هي سڄي صورتحال ۾ سنڌ جا ماڻهو خاموش پنهنجي گهرن ۾ ويهڻ بدران روڊن رستن تي هنن حڪمرانن خلاف احتجاج ڪندا ملڪ جي حڪمرانن سدائين غلط پاليسين ۽ غيرآئيني فيصلن کان ملڪ کي نقصان رسايو آهي. سنڌ جي ماڻهن ماضي ۾ به سياسي جدوجهد سان وڏن وڏن بتن کي شڪست ڏني آهي هاڻي به هنن حڪمرانن کي شڪست نصيب ٿيندي. ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي اجلاسن ۾ يوم مادر وطن جي جلسي ۽ احتجاجي ريلي جي تيارين تي اطمينان جو اظهار ڪيو اجلاس ۾ احتجاجي ريلي ڪميٽي، يوم مادر وطن پنڊال ڪميٽي، يوم مادر وطن ايوارڊ ڪميٽين تيارين بابت آگاهي ڏني. اجلاس ۾ انجنيئر گلزار سومرو، حيدر شاهاڻي ،هوت خان گاڏهي ،ڊاڪٽر عبدالحميد ميمڻ ،قادر چنا، ڊاڪٽر احمد نوناري امتياز سمون ڊاڪٽر سومار مگريو، حيدر ملاح، عاشق سولنگي، گوتم چنا، جام شوڪت ابڙو، جان محمد جوڻيجو ۽ ٻين شرڪت ڪئي.

بقايا 24

محمد ارسلان سليم جي صدارت ۾ مورو شهر ۾ حددخلين خلاف آپريشن ڪانپوءِ شهر جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ اجلاس ٿيو اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر مورو محمد مستقيم قريشي، چيئرمين ميونسپل ڪميٽي مورو نذير احمد ميمڻ، سيڪريٽري ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي ضمير حسين بروهي، دوست محمد سولنگي ۽ ڪاميٽي جا ٻيا آفيسر ۽ پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي ڊپٽي ڪمشنر محمد ارسلان سليم چيو ته مورو شهر مان ملبو هٽائڻ بعد بحاليءَ جو ڪم ڪيو وڃي، شهر جي روڊن جي مرمت ڪري پيور بلاڪ لڳايا وڃن. شهر جي خوبصورتي لاءِ داخلي ۽ خارجي رستن تي ٻوٽا پوکيا وڃن. شاهي بازار جي صفائي کان پوءِ ڊرينج جي پاڻي جي نيڪال کي بحال ڪيو وڃي ۽ روڊن تي پيور بلاڪ لڳايا وڃن، ٽريفڪ جي روانگي کي برقرار رکڻ لاءِ غيرقانوني ٽيڪسي ۽ رڪشا اسٽينڊ ختم ڪيا وڃن، اجلاس ڪانپوءِ هن مين روڊ، شاهي بازار، دادو بائي پاس ۽ شهر جي مختلف هنڌن جو دورو ڪيو ۽ هدايتون جاري ڪيون.

بقايا 25

جي ايگزيڪيوٽو انجنيئر جاويد آفتاب ٽانوري کي بدلي ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويندو پريس ڪلب نوشهرو فيروز ۾ آل سنڌ ايريگيشن ٽريڊ يونينز فيڊريشن جي صوبائي صدر ميان عبدالرحيم پارو، صوبائي جنرل سيڪريٽري ياسر اقبال لاڙڪ ۽ اسڪارپ ايمپلائيز يونين ڊويزن نوشهرو فيروز جي صدر ساگر يوسف منگي، وقار احمد لاڙڪ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته نوشهرو فيروز ۾ ڪرپشن جي بي تاج بادشاهه ۽ نيب زده انجنيئر جاويد اقبال ٽانوري کي مقرر ڪيو ويو آهي جيڪو هر دفعي بجيٽ هڙپ ڪرائڻ لاءِ مقرر ڪيو وڃي ٿو سندس اچڻ شرط اسڪارپ ڪالوني جي لاءِ آيل ڪروڙين روپيا ڪيدرائڻ لاءِ ڪوڙا ووچر ٺهرائي رهيو آهي هر ٽئي مهيني ڊيزل جي مد ۾ 2 ڪروڙ کان مٿي رقم اچي ٿي اها به ڪرپشن جي ور چڙهيو وڃي ٿي بدقسمتي اها آهي جو جڏهن به اسڪارپ جي بجيٽ ايندي آهي ته موصوف بدلي ڪرائي پهچي وڃي ٿو هن جي 3 مهينا بدلي ڪري وري سالن لاءِ آيل بجيٽ جو صفايو ٿئي ٿو. جڏهن ڪالوني جا ڪوارٽر زبون ٿي ويا آهن انهن لاءِ آيل پئسا به ڳڙڪائي ٿو وڃي ته پيئڻ جي صاف پاڻيءَ لاءِ به ڪو پلانٽ ناهي رکيو ڪوڙن ووچرن ۾ بل ناهي بجيٽ جي صفائي ٿي رهي آهي. هنن گهر ڪئي ته ڪرپٽ انجنيئر کي فوري طور تي هٽائي اسڪارپ ڪالوني کي تباهي کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا 26

عقيدتمندن شرڪت ڪئي ڪيرو موڙ تي جيلانيءَ جماعت طرفان هڪ شاندار ريلي ڪڍي وئي جنهن جيپ موٽر سائيڪل ڪار سميت ٽريڪٽرن جي ريلي ڪڍي پير سيد غوث علي شاهه جيلانيءَ جو استقبال ڪيو ويو پير سيد غوث علي شاهه جيلانيءَ ڳوٺ عبدالرحيم سميجو پهچي بس حادثي ۾ شهيد ٿيندڙن جي تعزيت پڻ ڪئي جنهن ڪانپوءِ ڳوٺ عبدالله سميجو ۾ ريلي جي صورت ۾ جلسي گاهه پهتو جلسي کي خطاب ڪندي چيو پير سيد غوث علي شاهه جيلانيءَ چيو ته پنهنجي اولاد کي تعليم ۽ تربيت ڏيو نيائين کي تعليم ضروري ڏيو نماز جا پابند ٿيو سڀئي هڪ ٿي رهو ۽ هڪ ٻئي جو ساٿ ڏيو

بقايا 27

جاري رهندو - درگاهه جو گادي نشين فقير ارباب چانڊيو چيئرمين فقير سردار چانڊيو فقير رستم چانڊيو صحافي احمدعلي چانڊيو هالار چانڊيو ۽ ٻين ميلي جو افتتاح ڪيو ويو - درگاهه تي چادر چاڙهي وئي - ملڪي سلامتي لاءِ دعا گهري وئي - ان موقعي تي درگاهه جي گادي نشين فقير ارباب چانڊيو چيو ته سنڌ جون درگاهون امن . پيار - محبت جو درس ڏين ٿيون - اوليائن جون درگاهن تي زائرين اچي فيض حاصل ڪري سگهن ٿا - ان موقعي تي فقير علي بخش چانڊيو لشڪر چانڊيو فقير خادم چانڊيو فقير محمد پناهه لاشاري - فقير نواب چانڊيو فقير سلطان چانڊيو صحافي نادر چانڊيو صحافي فهد علي بروهي ۽ فقير احسان چانڊيو ۽ ٻيا موجود هيا - جڏهن ميلي ۾ زائرين وڏي تعداد ۾ پهچڻ شروع ٿي ويا آهن - ميلي ۾ پوليس جا انتظام اڻپورا هيا

بقايا 28

شروع ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير فيشريز ۽ لائيو اسٽاڪ محمد علي ملڪاڻي جي هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ لائيو اسٽاڪ عملي پاران ضلعي سجاول ۾ چوپائي مال ۾ وچڙندڙ خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جي ويڪسين جو عمل تيز ڪيو ويو آهي. محڪمه لائيو اسٽاڪ ضلعي سجاول جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عبدالعزيز عباسي ٻڌايو پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع سجاول جي صدر. لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز جي صوبائي وزير محمد علي خان ملڪاڻي جي خاص هدايتن تي ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ لائيو اسٽاڪ ڪاتي پاران ڊاڪٽر اشوڪ ڪمار، ڊاڪٽر سليمان سميجو امان الله منارو سميت سموري اسٽاف وڏي محنت ڪري چوپائي مال ۾ ڦهليل بيمارين گهل گهوٽو. ڦڦڙي. لاميي، سميت خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ لاءِ ضلعي سجاول سميت ساحلي تعلقي شاهبندر جي ڳوٺن حاجي الهڏنو جمالي، حاجي صديق جمالي، حاجي الياس جمالي، ميرمحمد رند، رئيس رستم خان جمالي ويڪسن ڪئي.

بقايا 29

بک هڙتال ڪيمپ ٻئي ڏينهن به جاري رهي، بک هڙتال ڪيمپ ۾ PFUJ جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ خاص طور تي شرڪت ڪئي، جڏهن ته آل پاڪستان اسمال انڊسٽريز اينڊ ڪاٽيجز يونين جي باني سيڪريٽري هارون ميمڻ ايس يو جي جنرل سيڪريٽري حاجن پانبڙ پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي، نائب صدر شهزاد تاباني، خازن شهباز خان پٺاڻ، رياض راجپوت، خازن ڪامران شيخ، سنڌ وومين جرنلسٽس جي صدر سحرش ڪوڪر، جنرل سيڪريٽري ڪرن مرزا، فوٽو جرنلسٽ ايسوسي ايشن جي صدر جاويد گهنجي ، جنرل سيڪريٽري صلاح الدين سميجي، سول سوسائٽي جي اڳواڻن ڊاڪٽر حفيظ الله بخش، ڊاڪٽر سعيد اعوان ۽ ٻين شرڪت ڪئي، پي ايف يو جي فنانس سيڪريٽري لالا اسد پٺاڻ چيو ته پي ايف يو جي جي تاريخ جدوجهد جي تاريخ آهي ۽ پريس جي آزادي جي تحريڪ شروع ٿي آهي. پي ايف يو جي اڄ به پوري عزم سان ميدان ۾ لٿل آهي، جنهن کي اسان ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪنداسين. PICA جي ڪاري قانون تحت حڪومت سوشل ميڊيا پروٽيڪشن اٿارٽي، سوشل ميڊيا شڪايتي سيل، سوشل ميڊيا ٽريبونل ۽ شڪايتي ڪائونسل ۽ نيشنل سائبر ڪرائم ڪنٽرول ايجنسي قائم ڪري رهي آهي جنهن ۾ سمورن ماڻهن کي حڪومت طرفان نامزد ڪيو ويندو ۽ حڪومت سپريم ڪورٽ ۾ اپيل ڪان اڳ ٽن سالن جي قيد، 2 لک ڏنڊ ۽ گرفتاري سميت سمورا ڪم ڪندي. پر پيڪا آرڊيننس ايڪٽ ۾ ترميم ڪري اظهار راءِ جي آزادي کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش عوام لاءِ ناقابل قبول آهي. صحافين ۽ وڪيل اڳواڻن نشاندهي ڪئي ته ماضيءَ ۾ آمريتي دور ۾ به ڪاري قانون کي تسليم نه ڪيو ويو. موجوده جمهوري حڪومت جي آڙ ۾ لاڳو ڪيل تڪراري قانون کي ڪنهن به صورت ۾ تسليم نه ڪيو ويندو. جيستائين اهو قانون واپس نه ورتو ويندو تيستائين احتجاج جاري رهندو. اڄ ٻئي ڏينهن به سکر پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ڪئي وئي، جيڪا ٽن ڏينهن تائين جاري رهندي.

بقايا 30

اندر وڌندڙ بدامني ۽ ڀتا خور مافيا طرفان شهر جي ڊاڪٽرن ۽ صحافن کي هندو واپارين کي ڀتو ڏيڻ جون ڌمڪيون موڪلڻ واري عمل جي خلاف اڄ چوٿين 4 ڏينهن به نيشنل پريس ڪلب ۽ غوثپور پريس ڪلب جي قلم ڌڻين گڏجي ڪري شهر جي شاهي بازار کان دولي چوڪ واري علائقي تائين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ان موقعي تي "آزاد صحافت زنده باد" "ڪشمور ضلعي جو امن امان بحال ڪرايو" "ڀتا خوري نامنظور" جا نعرا هنيا ويا احتجاج جي اڳواڻي علائقي جا سينئر صحافي نارائڻ ناز شيرزمان بجاراڻي برڪت پيو معيمر باجڪاڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا اڳوائن ڳالهائيندي چيو ته ڪشمور ضلعي جي پوليس امن قائم ڪرڻ ۾ ناڪام ويئي آهي ڪوبه شريف شهري ڌوهارين جي وارداتن کان بچيل ڪونهي هٿان جي عوام کي ڌوهارين ۽ ڀتي خورن جي غوثپور شهر ضلعي کي حوالي ڪري نڌڪو ۽ لاوارث ڪيو ويو آهي سول سوسائٽي ۽ باشعور حلقن کي ڌمڪيون موڪلي هيسائڻ واري عمل خلاف قلم ڌڻين جو احتجاج جاري رهندو ۽ اسان اهو عهد ڪيو آهي ته مظلومن جي حمايت جاري رکنداسين

بقايا 31

ضلعي جي ڳوٺ ٽنيو نظر علي جي رهواسي جوڙو نوجوان ساجد علي ولد ممتاز علي جوڳي ۽ ناري مرڪ جوڳي ڌي محمد بخش جوڳي سکر پريس ڪلب پهچي صحافين کي ٻڌايو آهي ته سکر ۾ جسٽس آف پيس وٽ 31 فبروري 2025 تي پسند جي شادي ڪئي آهي اسان کي شاهسڪندر ۽ ٻين مان جان جو خطرو آهي هنن ڊي آءِ جي سکر ايس ايس پي خيرپور ۽ ٻين اختيارن کي تحفظ ڏيڻ جي اپيل ڪئي آهي.

بقايا 32

ٽائين پيپلز بس سروس جو سفر ڪيو ان موقعي تي ڪمشنر نديم احمد ابڙو بس جي عملي کان بس جي ڀاڙيءَ مقرر ڪيل اسٽاپن ۽ بس ۾ ويٺل مسافرن کان بس جي سهولتن بابت معلومات ورتي ان موقعي تي ڪمشنر چيو ته سنڌ حڪومت پاران شهرين کي سفري سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ پيپلز بس سروس شروع ڪئي وئي آهي جيڪو تمام بهترين قدم آهي هن وڌيڪ چيو ته پيپلز بس سروس ذريعي ئي مناسب ڪرائي ۾ سکون وارو سفر ممڪن آهي ڪمشنر بس ۾ صفائي سميت ٻين سهولتن تي اطمينان جو اظهار پڻ ڪيو ان موقعي تي شهرين پاران بس سروس کي نواب شاهه کان ٻين شهرن ڏانهن هلائڻ لاءِ ڪمشنر کي درخواست ڪئي وئي. ان موقعي تي ڪمشنر نديم احمد ابڙو، ايڊيشنل ڪمشنر سيد عمار حسين ۽ غلام مجتبي شاهه بس جون ٽڪيٽون پڻ خريد ڪيون.

بقايا 33

عبدالمجيد شيخ ،محمد انور ميمڻ، جمن خان لولائي، محمد يحيي ميمڻ راهي حق پارٽي جو اڳواڻ صبغت الله ميمڻ ۽ هندو برادري جو اڳواڻ مکي بالومل، پريس ترجمان رفيع الله ميمڻ ۽ ٻين مختلف پارٽين جي اڳواڻن شرڪت ڪئي.ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو آهي ته نيڙهي هڪ امن جو شهر جي نالي سان سڃاتو ويندو هو ۽ هاڻي سازش تحت امن امان جي صورتحال خراب ڪئي وئي آهي جيڪا برداشت جوڳي ناهي، هنن وڌيڪ چيو ته نيڙهي ۾ امن امان جي صورتحال خراب هجڻ جي ڪري سج لهڻ کان پوءِ ماڻهو پاڻ کي غيرمحفوظ سمجهن ٿا ضروري ڪم سان ٻاهر نڪري نه ٿا سگهن.ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي ڏينهون ڏينهن خراب ٿيڻ لڳي آهي چوريون ڦرون روزاني جو معمول بڻيل انتظاميا جي اکين تي پٽي ٻڌل آهي ۽ انڌن ٻوڙن وارو قانون اختيار ڪري ڇڏيو آهي. امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ انتظاميا کي گهرجي ته مختلف برادري جا ماڻهو جيڪي شهرن ڏانهن لڏي اچن ٿا ته انهن جي چيڪنگ ڪئي وڃي ۽ امن جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ انتظاميا لوڪل ماڻهن سان ميٽنگ ڪري ته جيئن اسان انتظاميا سان ڀرپور تعاون ڪنداسين. پوليس ڌوهارين کي گرفتار ڪرڻ بجاءِ عام شهرين کي گرفتار ڪري ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏي ٿي جيڪا ڳڻتي جوڳي ڳالهه آهي نيڙهي ۾ ڪوئي به شهري ڪاروبار نه ٿو ڪري سگهي. موٽرسائيڪل جي چوري عام ٿي وئي آهي، گهر ۾ هٿيارن جي زور تي گهرن ۾ داخل ٿي ڪري ڌاڙا لڳايا وڃن. آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ متفق طور تي سڀني پارٽين جي اڳواڻن هڪ قراردادت ذريعي متفه طور مطالبو ڪيو ته نيڙهي خيرپور ضلعي سميت سڄي سنڌ ۾ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي وڃي ته جيئن سڪون جو ساهه کڻي سگهجي.

بقايا 34

سپريڊنٽ عبدالعزيز باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ پوليس ۽ رينجرس ساڻ ڪري شهر جي مختلف دڪانن ۽ هوٽلن تي ڪارروائي ڪئي وئي 10 ڄڻا گرفتار بلن جي ادائگي ڪرڻ بعد انهن کي آزاد ڪيو ويو واپڊا جي ٽيم جي اچڻ سان ڪيترا ئي ماڻهو پنهنجا دڪان بند ڪري ڀڄي ويا رابطو ڪرڻ تي عبدالعزيز باجڪاڻي ٻڌايو ته دڪاندارن ۽ هوٽلن تي لکين رپيا بقايا هجڻ ڪري ڪارروائي ڪئي آهي ڪنهن کي به بجلي چوري هلائڻ نه ڏني ويندي

بقايا 35

نيشنل پريس ڪلب راڻيپور اڳيان ٽن ڏينهن واري علامتي احتجاجي ڪئمپ قائم ڪري ڌرڻو هنيو ويو ڌرڻي ۾ وڏي انگ ۾ راڻي پور، درازاشريف، صوڀوديرو ۽ هنگورجا جي قلم ڌڻين شرڪت ڪئي، جنهن ۾ قلم ڌڻين پيڪا ايڪٽ خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي، انهيءَ موقعي تي قربان علي منگي، گل حسن چانڊيو شڪيل شيخ، فاروق دايو، فياض راڄپر ،شملامنگي، سرمد نثار ڀٽو، مير ثناءُ الله جامڙو عبدالشڪور وسان،عبدالخالق گلال،نديم شيخ،اورنگزيب پيرزادو، حاڪم جوکيو، صدام سومرو، منظار ڊومڪي ساجد ڪربلائي ۽ ٻين اڳواڻن جو چوڻ هو ته آمريتي دور ۾ به صحافين جي آواز کي دٻائڻ لاءِ اهڙي قانونسازي نه ٿي آهي جيڪا هاڻي جمهوري حڪومت صحافت تي وار ڪندي پيڪا ايڪٽ قومي اسيمبليءَ مان پاس ڪري ان کي پوري ملڪ ۾ لاڳو ڪري ڇڏيو آهي. هنن چيو ته وفاقي حڪومت صحافتي تنظيمن سميت ميڊيا جي نمائندن کي بغير اعتماد جي وٺندي ڪارو قانون لاڳو ڪيو آهي.

ڪاغذن جي گمشد گي جو اطلاع

جيين ته عابد علي بلوچ ولد محمد اسحاق وينل ايڊريس محلا معين ڳوٺ گباپ ٽاين ڪائوڙ ضلع مليرجيين ته منهنجي گاڏي سوزوڪي ڪلٽس نمبر ARD.012 انجڻ نمبر F525102 چيسز نمبر 428491 جنهن جو سمارٽ بڪ ڪٿي ڪري پيو آهي تلاش باوجود ملي ن سگهيو اهي اگرڪنهن کي ملي ت هيٺ ڏنل ايڊريس تي ڏياري موڪلين بيي صورت ۾ ڊپليڪيٽ جاري ڪيي وڃي

المشتهر: عابد علي بلوچ ولد محمد اسحاق. هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي
Nic45501.69573165

عام اطلاع

هرعام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته نالي عبدالحفيظ ولد غلام عمر پتوجو درخواست ڪئي آهي ته سنڌس پيءُ غلام عمر ولد محمد اسماعيل پتوجو وينل ڳوٺ مرادي پتوجا جنهن کي اٽڪل 15 سال ٿيا آهن وفات ڪري ويو آهي فوتي کي ديه مرادي ۽ ديه لاڪا ۾ سروي نمبر 2/1,2، ديه مرادي 655 ۽ ٻيا ديه لاڪا سنڌس ڪاتي ۾ زمين آهي جنهن جي فوتي ڪاتي بدل لاءِ درخواست ڏني آهي جنهن ۾ هيٺيان وارث ڏيکاريل آهن (1) عبدالصمد ولد مرحوم غلام عمر پتوجو (2) عبدالحفيظ ولد مرحوم غلام عمر پتوجو (3) عبدالسليم ولد مرحوم غلام عمر پتوجو (4) عرفان علي ولد مرحوم غلام عمر پتوجو (5) مسمات نسيم خاتون ڌيءُ غلام عمر زال عبدالعزيز چانڊيو (6) مسمات روشن بي بي ڌيءُ غلام عمر زال اختيار علي مهيسر (7) مسمات نصرت ڌيءُ غلام عمر زال عبدالغني چانڊيو (8) مسمات شيرين ڌيءُ غلام عمر زال واجد علي وڪومتي ڏيکاريل وارثن کان علاوه جيڪڏهن ٻيو ڪو وارث هجڻ جو دعويدار آهي ت ڪاغذن سميت مختيارڪار آفيس اچي ثبوتن سان حاضر رهي ن ته ٻي صورت ۾ هن اشتهار ڪانپوءِ 8 ڏينهن اندر درخواست جو قانون موجب نيڪال ڪيو ويندو

بحڪم: مختيارڪار تعلقو نصيرآباد ضلع قمبر شهدادڪوٽ

اطلاع گمشدگي PEC سرٽيفڪيٽ

اطلاع ٿو ڏجي ته منهنجي ڪمپني نالي ڪوهارو ڪنسٽرڪشن لائيسنس نمبر 49171 پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل کان منظور شده سرٽيفڪيٽ گم ٿي ويو آهي جنهن به شخص کي ملي مهرباني ڪري هن ايڊريس گهر نمبر 181 محمد بخش شورو ڄامشورو روڊ حيدرآباد تي موڪليو وڃي

01 بقايا

صحافين سان غير رسمي ڳالهه ٻولهه ڪندي آرمي چيف چيو ته پاڪستان ۾ ترقي ٿي رهي آهي، ملڪ اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ اڳتي وڌندو. ياد رهي ته ڪجهه ڏينهن اڳ پي ٽي آءِ باني عمران خان طرفان آرمي چيف جنرل عاصم منير کي ٽيون خط لکڻ جي خبرسامهون آئي هئي. عمران خان جي وڪيل فيصل چوڌري موجب، خط ۾ چونڊن بابت خدشن جو اظهار ڪيو ويو هو. ان کان اڳ به عمران خان پاران آرمي چيف کي پاليسين جي تبديلي بابت خط لکيا ويا هئا. ان ڏس سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ هو ته آرمي چيف کي اهڙو ڪو به خط نه مليو ۽ اهڙي ڪنهن به خط کي پڙهڻ ۾ ڪا دلچسپي ناهي.

02 بقايا

ڪرڻ واري تقريب دوران خطاب ڪندي هن چيو ته پاڪستان اسان جو ٻيو گهر آهي. قائداعظم محمد علي جناح ۽ علامه اقبال اسان جا هيرو آهن. ترڪ صدر ٻڌايو ته پاڪستان ۽ ترڪيه وچ ۾ 24 معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي اتفاق ٿيو آهي. هن چيو ته صدر آصف علي زرداري سان ملاقات دوران واپاري معاملن تي ڳالهيون ٿيون. جڏهن ته ترڪيه پنهنجي سيڙپڪارن کي پاڪستان ۾ سيڙپڪاري جي ترغيب ڏئي رهيو آهي. سنڌس چوڻ هو ته ٻنهي ملڪن وچ ۾ پنج ارب ڊالرز جي تجارتي معاهدي تي ڳالهيون ٿيون. جڏهن ته دفاعي پيداوار جي شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي به اتفاق ٿيو رجب طيب اردگان وزيراعظم شهباز شريف جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته هو ترڪيه جي زلزلي سبب متاثر علائقن جو دورو ڪرڻ آيو. جيڪو ٻنهي ملڪن جي ويجهن لاڳاپن جو ثبوت آهي. هن وڌيڪ چيو ته ترڪيه جي معارف فائونڊيشن جا اسڪول پاڪستان جي تعليمي شعبي ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا جڏهن ته قبرص واري معاملي تي پاڪستان جي حمايت اسان لاءِ تمام گهڻي اهميت رکي ٿي. اردگان جو چوڻ هو ته دنيا جي هر فورم تي پاڪستان سان گڏجي فلسطين لاءِ آواز بلند ڪيو. فلسطيني عوام جي مدد اسان جو اخلاقي فرض آهي ۽ آزاد فلسطيني رياست جي قيام لاءِ گڏجي ڪوششون جاري رکنداسين.

03 بقايا

کي روڪڻ تي آٽڻ تي پابندي لاڳو ڪري ڇڏي. ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوام شڪايتون ڪندا آهن ته ايڪسائيز ڊپارٽمينٽ نمبر پليٽون جاري نٿو ڪري. جڏهن ته 80 هزار نمبر پليٽون موجود آهن. جيڪي ماڻهن وصول نه ڪيون آهن. هن ٻڌايو ته واٽر بورڊ طرفان واٽر ٽينڪرن کي بارڪوڊ جاري ڪيا ويا آهن. جنهن سان گاڏين جي فٽنيس چيڪ ٿي سگهندي ۽ جيڪي واٽر ٽينڪر رجسٽرڊ ٿي هوندا، انهن کي روڪيو ويندو. شرجيل ميمڻ جو چوڻ هو ته هيوي ٽريفڪ لاءِ فٽنيس سرٽيفڪيٽ لازمي هوندو پر انهن کي وقت ڏنو ويو آهي. ٻين صوبن مان ايندڙ هيوي گاڏين لاءِ به سنڌ جو فٽنيس سرٽيفڪيٽ ضروري هوندو. هن چيو ته ڏمپر بابت نون قاعدن مطابق هاڻي شهر ۾ ڏمپر رات 10 وڳي کان صبح 6 وڳي تائين هلائي سگهبا. صوبائي وزير خبردار ڪيو ته قانون موجب ڪو به شوروم غير رجسٽرڊ گاڏي وڪرو نٿو ڪري سگهي. سومر تائين جيڪڏهن ڪا به غير رجسٽرڊ گاڏي شوروم تي ڪاهر نڪتي ته شو روم سيل ڪيو ويندو ۽ گاڏي ضبط ڪئي ويندي. واضح رهي ته ڪراچي ۾ تازو ٽريفڪ حادثن ۾ اضافو ٿيو آهي. جنهن ۾ ڏمپر ۽ واٽر ٽينڪرن جي ٽڪر سان ڪيترائي شهري فوت ٿي چڪا آهن.

04 بقايا

گهريلو اٿيڪٽ تان پنهنجن ڇهن ٻارن کي تيز ڌار اوزار سان ڪُهي پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو. ريسڪيو ذريعن موجب واقعو صبح جو سوير صوابي جي علائقي يار حسين سڙه چينه ۾ پيش آيو جتي سيف الاسلام نالي شخص پهرين پنهنجي ڇهن ٻارن کي تيز ڌار اوزار سان ڪُهيو جنهن کان پوءِ پاڻ به آپگهات ڪري ڇڏيو. قتل ٿي ويلن ۾ 2 پٽ ۽ 2 ڌيئرون شامل آهن جن جون عمرون 2 سالن کان 12 سالن جي وچ ۾ ٻڌايون پيون وڃن. ڪُهي قتل ڪيلن ۾ 12 ورهين جو ضياء، 10 ورهين جو عبدالرحمان، 8 ورهين جي ثنا ۽ ٻن ورهين جي معصوم ٻارڙي شامل آهي. علائقي جي رهواسين جو چوڻ آهي ته سيف الاسلام درزي هو جنهن جو هميشه پنهنجي گهر واري سان جهيڙو ٿيندو رهندو هو جنهن ڪان تنگ اچي سندس گهر واري ناراض ٿي مائٽن ڏانهن هلي وئي هئي. پوليس موجب واقعي بابت شاهديون جمع ڪري رهيا آهيون. ظاهري طور تي واقعو قتل ۽ خودڪشي لڳي رهيو آهي جاچ ڪان پوءِ ئي ڪو فيصلو ڪري سگهنداسين.

05 بقايا

اوباوڙو پرسان گبو لنڪ روڊ ڪراس بند وٽ چيڪنگ دوران ڪيڙيا پوليس قاضي احمد واسي سيد محرم شاه کي اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي پوليس موجب محرم شاه ڪچي واري علائقي ڏي وڃي رهيو هو ته گبو لنڪ روڊ تي پوليس سنڌس پڇا ڳاڇا ڪان پوءِ ٻڌايائين ته آنڊو ويو سنڌس چوڻ هو ته فون تي هڪ ڇوڪري سان رابطو ٿيو ۽ ان سان دوستي ٿي وئي آهي مان ڪشمور ڪچي واري علائقي ۾ عورت سان ملاقات لاءِ وڃي رهيو آهيان پوليس ڪچي طرف وڃڻ کان روڪي ورتو ۽ اغوا ٿيڻ کان بچائي ورتو آهي.

06 بقايا

ڪائونسل چيئرمين گل محمد جکراڻي ۽ ڊي اي او پرائمري سيد عبدالغفار شاه آفر آرڊر ڏيارڻ جي خاطري بعد ختم ڪرائي وئي. تفصيل موجب ڪنڌڪوٽ ناظر ڪامپليڪس ٻاهران ٽن ڏينهن کان پي ايس ٽي ٽيسٽ پاس اميدوارن جي جاري احتجاجي ڪئمپ کي ختم ڪرائڻ لاءِ ضلع ڪائونسل چيئرمين مير گل محمد خان جکراڻي ۽ ڊي اي او پرائمري سيد عبدالغفار شاه احتجاجي ڪئمپ پهچي ڪري احتجاجي ڪئمپ تي ويٺل مظاهرين کي آفر آرڊر ڏيارڻ جي خوشخبري ٻڌائي سنڌن ڪان احتجاجي ڌرڻو ختم ڪرايو ويو ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته ضلعي ڪائونسل چيئرمين مير گل محمد خان جکراڻي ۽ ڊي اي او پرائمري سيد عبدالغفار شاه احتجاجي ڪئمپ تي پهچي اسان کي آفر آرڊر ڏيارڻ جي خوشخبري ڏنا اهڙي خوشخبري ٻڌائي اسين پنهنجو احتجاجي ڌرڻو ختم ڪري رهيا آهيون، خوشخبري ٻڌڻ بعد اسان جي چهري تي خوشي جي لهر ڇانئجي وئي آهي.

07 بقايا

ڳوٺ فتح محمد ڏاڏڻ ۾ باهه لڳڻ سبب ڏهه گهر مڪمل طور تي سڙي رک جو ڍير ٿي ويا آهن. ان سان گڏوگڏ ٻه موٽر سائيڪلون، چار پون ۽ ٻيو قيمتي سامان، جنهن جي ماليت لکين روپيين ۾ ٿي، پڻ سڙي ويو آهي. باهه متاثر ڳوٺائن ۾ ياسين ڏاڏڻ، مراد ڏاڏڻ، علي ڏاڏڻ، سليم ڏاڏڻ، وسيم ڏاڏڻ ۽ ٻيا شامل آهن. ان واقعي کان پوءِ ڳوٺائن ۾ ايترو وڏو نقصان ٿي چڪو آهي، جنهن سان انهن جي زندگي ۾ وڏو اثر پيو آهي.

08 بقايا

جوڻيجو زخمي ٿي پيئي جنهن کي ڳنڀير حالت ۾ شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي. اهڙي اطلاع ملڻ بعد امروٽ پوليس واقعي واري هنڌ پهچي مارجي ويل نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺي مدڊجي اسپتال پهچايو جڏهن ته زخمي عورت جي حالت ڳنڀير جوڳي هجڻ سبب ڪيس علاج لاءِ شڪارپور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي وئي، مارجي ويل نوجوان جي ماءُ ۽ ڀيڻ ٻڌايو ته اسان جو نوجوان صبح سوير مسجد ۾ آذان ڏيڻ ويو ته جوابدار سليم جوڻيجو ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو آهي جنهن بعد جوابدار پنهنجي ڀيڻ مومل جوڻيجو کي به گولي هڻي قتل ڪري ڇڏيو آهي رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او امروٽ ٻڌايو ته جوابدار سليم جوڻيجو ڪاروڪاري الزام هيٺ نوجوان ساجد جوڻيجو ۽ پنهنجي ڀيڻ کي گوليون هڻي قتل ڪيو آهي. پوليس ڪارروائي دوران جوابدار سليم پٽ خادم جوڻيجو کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو واقعي جو نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي.

09 بقايا

سميت چار ڄڻا سارنگ پٽ جمن گهوٽو ۽ عارف پٽ پليڏنو گهوٽو سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي ايمبولينس جي ذريعي فوري طور تي تعلقي اسپتال ميرپوربٺورو آندو ويو جتي کين ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد وڌيڪ علاج لاءِ حيدرآباد روانو ڪيو پي ويو ته اڌ رستي تي زخمي 36 سالہ پنيو پٽ حاجي روپائي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو آهي فوت ٿيل نوجوان جو لاش محمودا اسٽاپ پرسان سنڌن ڳوٺ آندو ويو ته ڪهرام مچي ويو ڪيس ابائي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

10 بقايا

سگهيو نه پوليس نينگر جي ڳولا لاءِ ڪڪ پچي بيٺو ڪيو. نينگر جي ڳولا لاءِ وارث پاران ڪچي توڙي پڪي وارن علائقن ۾ پاڪ ڪتاب ڪٿي گهمايو، ڪچي ۽ پڪي جي ڌوهارين کي پاڪ ڪتاب جا واسطا ڏئي بازيابي جون اپيلون التجائون ڪندا رهيا، معصوم نينگر والد راحب ملڪ پاڪ ڪتاب پينگهي ۾ لوڏي ڌوهارين کي واسطا ڏئي روئي اپيلون التجائون ڪرڻ لڳو وائرل وڊيو ۾ ٻي پٽ جي آزادي لاءِ ڌوهارين کي پاڪ ڪتاب جو واسطو ڏيندي چيو ته اوهان کي پنهنجا ٻچڙا آهن اوهان اولاد وارا آهيو اوهان پنهنجي اولاد جو واسطو ڏيان انهن جي صدقي مونکي پنهنجو ٻچڙو واپس موٽائي ڏيو، رافع ملڪ جي ماءُ ڪينسر جي موذي مرض ۾ مبتلا آهي رافع ملڪ جي جدائي برداشت نه ڪري سگهندي، روئي پنهنجا حال وڃائي ڇڏيا آهن روز زارو قطار روئڻ جي ڪري ان جي مسلسل طبيعت خراب رهي ٿي جنهن وٽ به منهنجو ٻچڙو قيد ۾ باندي بڻيل آهي ان کي هن پاڪ ڪلام ۽ سهڻي نبي ڪريم جو واسطو ٿو ڏيان. مان اعلي اختيارين کان مطالبو ٿو ڪريان ته فوري طور نوٽيس وٺي نينگر کي بازياب ڪرائي بيچيني ختم ڪرائي وڃي، ان وڌيڪ چيو ته گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو سميت ايس ايس پي ڪشمور زبيرنظير شيخ کي هٿ جوڙي دردمند اپيل ٿو ڪيان مونکي پنهنجو ٻچڙو واپس موٽائي ڏياريو اسان جي بيچيني ختم ڪئي وڃي.

11 بقايا

کي تحفظ ڏيڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي چڪي آهي، شڪارپور سميت اتر سنڌ جا ضلعا اغوا انڊسٽري بڻجي ويا آهن. ڪچي جا ڌاڙيل پڪي وارن جي سرپرستي کان سواءِ ڪجهه به نٿا ڪري سگهن. 16 فيبروري تي ڪنڊن هوٽل چوڪ انڊس باءِ پاس وٽ ڌاڙيل راڄ جي سرڪاري سرپرستي خلاف عظيم الشان "عوامي ڌرڻو" هنيو ويندو وڪيل برادري، سنڌ ۾ امن جي بحالي ۽ ڌاڙيل راڄ جي خاتمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. هن وڌيڪ چيو ته امن امان جي خراب صورتحال ڪري تعليم، ڪاروبار سميت عام زندگي مفلوج بڻجي چڪي آهي، ڪيترائي هزار خاندان خوف ڪان پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي لڏپلاڻ ڪري ويا آهن. سنڌ حڪومت عوام جي دردن جو درمان ڪرڻ بدران خاموش تماشائي بڻيل آهي. هن وڪلاءِ برادري کي 16 فيبروري تي رٿيل ڌرڻي ۾ ڀرپور شرڪت جي اپيل ڪئي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ بار جو صدر گدا حسين بلوچ، اڳوڻو صدر عبدالقادر ابڙو، جماعت اسلامي سنڌ جو ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد الله بجاراڻي، ضلعي امير عبدالسميع شمس ڀٽي، مولانا صدرالدين مهر اصغرعلي ڀهوڙ ۽ ٻيا اڳواڻ پڻ موجود هئا. هوڏانهن صوبائي امير شڪارپورپريس ڪلب ۾ هڪ پرهجوم پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌ ۾ امن امان جي بدترين صورتحال ۽ وڌندڙ لاقانونيت خلاف جماعت اسلامي ڀرپور مرحلي ۾ احتجاجي مظاهرن ڪان پوءِ هاڻي ڌرڻي طرف وڃي رهي آهي.

12 بقايا

جي هدايتن تي عملدر آمد ڪندي واٽر ڪارپوريشن شب برات جي موقعي تي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي سمورا انتظام مڪمل ڪري ورتا آن حوالي سان ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان جو چوڻ هو ته سڄي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي مسلسل جاري آهي ۽ قبرستان مزارن عبادتگاهن ۽ مسجدن جي آسپاس خاص انتظام ڪندي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي بابت سمورين شڪايتون مڪمل طور تي ختم ڪيون آهن هن چيو ته هن شهر جي سمورن قبرستانن ۾ پاڻي فراهم ڪيو پيو وڃي جڏهن ته وادي حسين ميوا شاه عيسي نگري سخي حسن محمد شاه نيو ڪراچي لياقت آباد خاموش ڪالوني سچل ڳوٺ پهلوان ڳوٺ ڪورنگي شاه فيصل ۽ ماڊل ڪالوني قبرستان ۾ پاڻي فراهم ڪيو ويو آهي ۽ قبرن تي پاڻي وجهڻ جي لاءِ سڄي رات پاڻي جي فراهمي جاري رهندي هن چيو قبرستانن ۾ پاڻي پهچائڻ جي لاءِ واٽر ٽينڪرن جي ذريعي خاص انتظام ڪيا ويا آهن ۽ قبرستان جي آسپاس شهرين کي پيئڻ جو پاڻي فراهم ڪرڻ جي لاءِ سبيلون پڻ لڳايون ويون آهن هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته انچارج هائيڊرنٽس سيل سردار شاه سمورن انتظامن جي ذاتي طور تي نگراني ڪري رهيو آهي ۽ فوڪل پرسن برائي هائيڊرنٽس سيل شهباز بشير قبرستان ۽ مسجدن ۾ پاڻي جي دستيابي کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ آپريشن جي جڳهه تي موجود آهي.

13 بقايا

شهريار گل ميمڻ جي صدارت هيٺ ضلع ۾ حفاظتي ٽڪن، ڊسٽرڪٽ سرويلنس ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام جي مهيني وائيز ڪارڪردگي جو جائزو وٺڻ لاءِ هڪ اجلاس ڊي سي آفيس جي دربار هال ۾ ٿي جنهن ۾ ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ حفاظتي ٽڪن واري پروگرام جي آفيسر کي هدايت ڪئي ته يوسي سطح تي قائم ڪميٽين کي فعال بڻائين ته جيئن يوسي چيئرمين جي مدد سان حفاظتي ٽڪا لڳائڻ کان رهجي ويل ٻارن کي ٽڪا لڳائي مختلف بيمارين کان بچائڻ لاءِ حفاظتي ٽڪا تمام گهڻي اهميت رکن ٿا انهي ڪم ۾ حد جي اسسٽنٽ ڪمشنر سان پڻ رابطو ڪيو وڃي ڊپٽي ڪمشنر ڊسٽرڪٽ سرويلنس آفيسر کي هدايت ڪئي ته ضلع ۾ سمورن سرڪاري توڙي نجي ميڊيڪل سينٽرن جو دورو ڪري مختلف بيمارين بابت رپورٽ ٿيندڙ ڪيسن جي رپورٽ پيش ڪئي وڃي ڊپٽي ڪمشنر ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام جي انچارج کي هدايت ڪئي ته سماجي تنظيم هينڊز جي مدد سان هيلٿ ورڪرز پروگرام ۾ ڪم ڪندڙ ليڊي هيلٿ ورڪرز جي تربيت بابت آگاهي سيشن منعقد ڪيا وڃن جڏهن ته ان پروگرام کي وڌيڪ فعال بڻائڻ لاءِ پڻ قدم کنيا وڃن اجلاس ۾ صحت کاتي جي عملدارن پاران ڊپٽي ڪمشنر کي ضلعي ۾ حفاظتي ٽڪن واري ڪم سرويلينس ۽ ليڊي هيلٿ ورڪرز پروگرام جي ڪارڪردگي بابت آگاهي ڏني وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر شهريار گل ميمڻ بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ٽيمن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ تقسيم ڪيا اجلاس ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر اسدالله ڏاهري، پوليو فوڪل پرسن ڊاڪٽر الله بخش راڄپر سميت صحت کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي.

14 بقايا

سرجيڪل ڪيمپ جو افتتاح ڪيو. جسقم پاران تعلقي اسپتال جي بحالي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، افتتاح جي موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر محمد يوسف شيخ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر پير غلام حسين، اسسٽنٽ ڪمشنر عبدالستار شيخ، ايڊيشنل ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر رفيق جمالي، ايم ايس ڊاڪٽر عبدالسلام ميمڻ ۽ ٻيا موجود هئا، تقريب کي خطاب ڪندي مخدوم فخر الزمان دل جي بيمارن لاءِ چيسٽ پين يونٽ قائم ڪرڻ جو اعلان ڪندي چيو ته ٽي ايڇ ڪيو اسپتال سان ضلعي عوام کي مثالي طبي سهولتون ملنديون، وڌيڪ سهولتن لاءِ وڏي وزير ۽ صحت واري وزير کي لکيو ويندو سنڌ حڪومت صوبي ۾ مثالي اسپتالون ۽ طبي ادارا قائم ڪرايا آهن جنهن جي تازو پنجاب ۾ صحت جي حوالي سان ٿيل ڪانفرنس ۾ به واکاڻ ٿي، اسپتال ۾ گهربل جديد مشينري ۽ سهولتون جلد ڏنيون وينديون، اسپتال ۾ ڊاڪٽرن ۽ عملي جي کوٽ پوري ڪرڻ لاءِ صحت کاتي سان رابطو ڪري ايس اين اي منظور ڪرائي ويندي، ڊپٽي ڪمشنر متياري محمد يوسف شيخ افتتاحي تقريب ۾ چيو ته ٽي ايڇ ڪيو اسپتال تائين روڊ جلد مڪمل ڪيو ويندو چونڊيل نمائندن جي قيادت ۾ متياري ضلعي جي عوام جي ڀلائي لاءِ قدم کڻون پيا.

15 بقايا

ريجنل ڊائريڪٽر ويسٽ ۽ ڪياماڙي آفتاب احمد ڪتري جي اڳوائي ۾ هڪ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو. سيمينار کي خطاب ڪندي، ريجنل ڊائريڪٽر ويسٽ ۽ ڪياماڙي آفتاب احمد ڪتري صوبائي محتسب سنڌ جي گورننس، انتظاميا، ڪردار ۽ سرڪاري کاتن ۾ شفافيت ۽ انتظامي انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ عوام ۽ ٻارن پاران محتسب سنڌ آفيس ۾ شڪايتون داخل ڪرڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي طور تي آگاهي ڏني. هن چيو ته صوبائي محتسب سنڌ سرڪاري کاتن سان لاڳاپيل شڪايتن جي ازالي لاءِ واحد ادارو آهي جيڪو عوام کي بنا ڪنهن فرق جي مفت، معياري ۽ فوري انصاف فراهم ڪري ٿو ته ڪري، عوام کي سرڪاري آفيسن جي بدانتظامي يا جعلسازي جي طريقن خلاف پنهنجون شڪايتون پنهنجي علائقائي محتسب آفيسن يا صوبائي محتسب سنڌ آفيس يا ويب سائيٽ تي آن لائن داخل ڪرائين. سيمينار ۾ سوال ۽ جواب جي سيشن دوران، شرڪت ڪندڙن جي سوالن جا جواب پڻ ڏنا ويا. آگاهي سيمينار کي فوڪل پرسن پروفيسر عبدالحميد تنوري ۽ پرنسپل سمن حسين پڻ خطاب ڪيو. سيمينار ۾ شاگردن ۽ استادن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي.

16 بقايا

لاءِ کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ لاڙڪاڻي شهر سميت آس پاس جي علائقن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پنهنجا مسئلا بيان ڪيا. جڏهن ته ايم پي اي سهيل انور سيال عوام جا مسئلا ٻڌڻ کان پوءِ لاڳاپيل عملدارن سان رابطو ڪري ماڻهن جا مسئلا حل ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم پي اي سهيل انور سيال چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري توڙي ايم پي اي فريال ٽالپر جي خاص هدايتن تي شهرين جي مسئلن جي حل لاءِ هي کليل ڪچهري ڪوٺائي وئي آهي. جتي ماڻهن پنهنجا مسئلا بيان ڪيا آهن. جن مسئلن کي فوري طور تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. هن چيو ته اسان پارٽي جي منشور تي هلندي غريب، مسڪين ۽ ٻي پهچ ماڻهن جي خدمت ڪري رهيا آهيون. ڇاڪاڻ جو عوام اسان کي ووٽ ڏئي اقتدار ۾ پهچايو آهي. جنهن لاءِ اسان جو فرض پڻ آهي ته اسان عوام جي خدمت ڪريون.

17 بقايا

داخلا خلاف ٻڌڻي. درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته ڪراچي شهر ۾ ڏينهن جي ٽائيم ڏمپر، ٽينڪر ۽ ٻيون هيوي گاڏين جي حادثن سبب شهري فوت ٿين ٿا. جسٽس آغا فيصل چيو ته روزاني اخبارن ۾ خبرون اچن ٿيون ته شهر ۾ ڏينهن جي وقت هيوي ٽريفڪ داخل نه ٿي ٿئي. جسٽس آغا فيصل چيو ته ڪارروائي ڪرڻ ايگزيڪيوٽو جي ذميواري آهي. عدالت مداخلت ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ درخواستگذار جي وڪيل چيو ته هي بنيادي انساني حقن جو ڪيس آهي. عدالت ڪيس جي ٻڌڻي ڪانپوءِ فيصلو ڪري سگهي ٿي. عدالت درخواست ٻڌڻي قابل هجڻ بابت دليل طلب ڪري ورتا. عدالت اڻڄاتل مدي تائين ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. درخواست ۾ چيف سيڪريٽري، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي ٽريفڪ ۽ ٻين ڌرين کي ڌر ٺاهيو ويو آهي. وڪيل چيو ته ڏمپر روز جي بنياد تي ماڻهن کي چيڀاڙي رهيا آهن.

18 بقايا

اسمبلي جي اڳوڻي اسپيڪر آغا سراج دراني ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڪيس جي ٻڌڻي 26 تاريخ تي ٿيندي. ڏسون ته ڇا ٿئي ٿو. ڪراچي وڏو شهر آهي، جنهن کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ پوليس جي وڏي فورس هجڻ گهرجي. رات 11 وڳي کان وڏي ٽريفڪ جي اجازت ڏني وڃي ۽ ان جي پيروي ڪئي وڃي. آغا سراج دراني ۽ ٻيا آمدني کان وڌيڪ اثاثن واري ڪيس ۾ عدالت آڏو پيش ٿيا، جتي بريت جي درخواستن تي بچاءَ واري وڪيل دليل مڪمل ڪري ورتا. هن پنهنجي موقف ۾ چيو ته نيب بدنيتيءَ جي بنياد تي ريفرنس داخل ڪيو آهي. نيب ترميمن کان پوءِ جوابدارن خلاف ڪو به ريفرنس نه ٺاهيو ويندو. عدالت ريفرنس تي وڌيڪ ٻڌڻي 26 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. عدالت آڏو نيب پراسيڪيوٽر ايندڙ ٻڌڻي تي بريت جي درخواست خلاف دليل پيش ڪندو. آغا سراج دراني چيو ته قانون ٺهي چڪو آهي. ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت آهي. پيپلز پارٽي ڏمپرن جي سرپرستي ڪيئن ڪري سگهي ٿي؟ اهو هڪ الزام آهي. جنهن کي ثابت ڪريو. مون تي لڳايل الزامن جي ڪري مان ڇهن سالن کان تڪليف ۾ آهيان. جيڪڏهن ثبوت آهن ته حڪومت کي ٻڌايو وڃي ته جيئن ان تي حڪومت ايڪشن ڪئي. آغا سراج دراني چيو ته ٻڌايو لساني فسادن جي ڳالهه ڪير ڪري رهيو آهي، ته ان تي به حڪومت ڪارروائي ڪندي.

19 بقايا

عقيدت ۽ احترام سان ملهائي وئي، شب برات جي رات مسلمان رب پاڪ جي آڏو سجدو ڪري مغفرت طلب ڪئي ۽ انهي عزم جو ارادو ڪيو ته هو هميشه جي لاءِ نافرمانين کان پاسو ڪندا. پلاري رات ۾ مسلمانن جو وڏو انگ گناهن کان توبهه ڪندي پنهنجي اعمالن جي اصلاح ڪرڻ جو عهد ڪيو ۽ رب پاڪ کان دعا ڪئي ته انهن جي رزق ۾ خيرو برڪت عطا ڪئي وڃي ۽ انهي کي ۽ سنڌس گهر ڀاتين کي صحت ۽ تندرستي جي دولت سان مالا مال ڪيو وڃي. شب برات جي حوالي سان سڄي ملڪ جي مسجدن ۾ خصوصي شب بيداري جو اهتمام ڪيو ويو هو جتي نفل جون ادائيگيون ڪيون ويون. درود سلام جون محفلون منعقد ۽ ذڪر جو اهتمام ڪيو ويو مسجدن ۽ عالم سڳورا ۽ مفتي شب برات جي فضيلت بيان ڪيو ۽ خصوصي عبادتن جي حوالي سان ماڻهن کي رهنمائي ڏني. شب بيداري جي حوالي سان ماڻهو پنهنجي گهرن تي به اهو اهتمام ڪندا آهن جتي خصوصي محفلون منعقد ڪيون وينديون آهن.

20 بقايا

ڪيس ۾ پيپلز پارٽي کي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ 12 مارچ تائين جي مهلت ڏئي ڇڏي آهي. اليڪشن ڪميشن جي ميمبر نثار دراني جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ٻڌڻي ڪئي. پيپلز پارٽي جو وڪيل ساجد تنولي موقف اختيار ڪيو ته پارٽي چيئرمين آمريڪا ۾ آهي ۽ سينيٽر فاروق نائيڪ سينيٽ جي مصروفيتن سبب موجود نه آهي انهي لاءِ جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏني وڃي. سنڌ جي ميمبر نثار دراني نشاندهي ڪئي ته پيپلز پارٽي 6 جنوري 2021 تي انٽرا پارٽي چونڊون ڪرايون هيون، هنن جون چونڊون ڇهن سالن لاءِ هونديون آهن ڇهن سالن ۾ چونڊون نه ڪرائڻ تي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. پنجاب جي ميمبر چيو ته جواب جمع ڪرائڻ لاءِ ڪيترو وقت جي ضرورت آهي جنهن تي پ پ جي وڪيل چيو ته هڪ مهيني جي مهلت جي درخواست ڪئي آهي. جنهن ڪان پوءِ اليڪشن ڪميشن پيپلز پارٽي کي 12 مارچ تائين جواب جمع ڪرائڻ جي مهلت ڏيندي ٻڌڻي ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته اليڪشن ڪميشن ڪيس جي ٻڌڻي ۾ تحريڪ انصاف به پنهنجو جواب جمع ڪرائي ڇڏيو جنهن کي اليڪشن ڪميشن اڌورو قرار ڏيندي ٻيا دستاويزات جمع ڪرائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي.

21 بقايا

ڪنوينر ۽ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي مرڪزي صدر سيد زين شاه جي اڳواڻي معظم علي عباسي، نواب زبير ٽالپر عرفان خان جتوئي، عمران بوزدار، اسلم مري، محمد انوار ڪنبوهه زوهيب الرحمان شيخ، محمد علي ٻگهيو، جمال کهڙو ۽ ٻين آبادگار اڳواڻن ڪئي. احتجاجي مارچ ۾ سنڌ آبادگار بورڊ، ايوان زراعت سنڌ، سنڌ يونائيٽڊ آبادگار فورم کان علاوه مختلف تنظيمن جي اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي جن ۾ سنڌ يونائيٽڊ پارٽي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري جڳديش آهوجا، فنڪشنل ليگ اڳواڻ عامر پتو جساف جو مرڪزي صدر اشرف ڪلهوڙو، روشن ڪلهوڙو، ن ليگ اڳواڻ بابو سرور سيال، ظفرسانگي، جي ڊي اي اڳواڻ ڪاظم علي عباسي، قادر سنڌي سميت، دودو ڍيشي، لاڙڪاڻي، حيدرآباد، قمبر شهدادڪوٽ، شڪارپور، دادو، سانگهڙ ۽ ٻين ضلعن جي آبادگارن پڻ شرڪت ڪئي.

22 بقايا

ايران جي جوهري ملڪيتن تي حملو ڪري سگهي ٿو. اخبار چيو آهي ته آمريڪي انٽيليجنس رپورٽن موجب اسرائيل جوهري هلندڙ سال جي وچ تائين ايران جي جوهري پروگرام هفتا يا مهينا پوئتي هليو ويندو ۽ خطي ۾ ڇڪتاڻ ۾ واڌ جا خطرا وڌي ويندا. آمريڪي اخبار جي رپورٽ تي وائيٽ هائوس ۽ اسرائيلي حڪومت ڪو تبصرو ناهي ڪيو هوڏانهن آمريڪي انٽيليجنس رپورٽن تي ايراني صدر مسعود پزشڪيان ردعمل ڏيندي چيو ته دشمن جوهري ملڪيتن تي حملو ڪري سگهي ٿو پر جوهري صلاحيتن کي تباهه نٿو ڪري سگهي.

23 بقايا

جي چيو آهي ته گذريل سال 18 ملڪن ۾ 124 صحافي پيشيورانيون ذميواريون نڀائيندي قتل ٿيا. پرڏيهي ميڊيا موجب صحافي تنظيم "ڪميٽي ٽو پروٽيڪٽ جرنلسٽس" جي ساليانو رپورٽ جاري ڪئي وئي. رپورٽ ۾ چيو ويو ته سال 2024 گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ صحافين ۽ ميڊيا ورڪرز جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ موت ڏيندڙ ثابت ٿيو اسرائيل جي غزه جنگ سبب صحافي ڏهاڪن جي مشڪل ترين دور مان گذري رهيا آهن. گذريل سال قتل ٿيندڙ 124 صحافين مان 70 سيڪڙو اسرائيلي جارحيت ۾ ماريا ويا. هلندڙ سال جي پهرئين مهيني ۾ به 6 صحافي ۽ ميڊيا ورڪر مارجي چڪا آهن. ان کان اڳ سال 2023 ۾ 102 ۽ سال 2022 ۾ 69 صحافي قتل ٿيا هئا پر گذريل سال اسرائيل غزا جنگ ۾ تمام صحافتي اصولن کي پامال ڪيو.

24 بقايا

۾ ٻڌڻي ايف آءِ اي پاران عدالت ۾ حتمي چالان پيش، ڪيترائي نوان انڪشاف سامهون اچي ويا، ميرپورخاص پوليس هٿان جعلي مقابلي ۾ مارجي ويل ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر ڪيس جي ٻڌڻي ميرپورخاص جي دهشتگردي ڪورٽ عدالت ۾ ٿي، جنهن ۾ ايف آءِ اي عملدارن 29 صفحن تي ٻڌل حتمي چالان عدالت ۾ پيش ڪري ڇڏيو آهي. حتمي چالان ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڊاڪٽر شاهنواز ڪنڀر جي کي گوليون هڻڻ ۾ سي آءِ اي پوليس جي ٻن اهلڪارن نادر پرويز ۽ غلام قادر جا سرڪاري هٿيار استعمال ٿيا آهن. چالان ۾ اهو پڻ چيو ويو آهي ته ڊي آءِ جي ميرپورخاص جاويد جسڪاڻي ايس ايس پي ميرپورخاص اسد علي چوڌري سان لاڳيتو رابطي ۾ هو ۽ عمرڪوٽ جو ايس ايس پي آصف رضا بلوچ وري مولوي عمرجان سرهندي سان لاڳيتو رابطي ۾ هو. چالان ۾ اهو پڻ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته مولوي عمرجان سرهندي جا ماڻهو ۽ ڊاڪٽر شاهنواز کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ويل عمرڪوٽ پوليس جي ٽيم سان سان لاڳيتو رابطي ۾ هئا. چالان ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته ايس ايس پي ميرپورخاص اسد علي چوڌري هڪ سم جيڪا غلام اڪبر جي نالي سان هئي، ان سان لاڳيتو رابطي ۾ هو ۽ غلام اڪبر وري سي آءِ اي ميرپورخاص جي اهلڪار محمد اقبال سان رابطي ۾ هو. چالان ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته سي آءِ اي اهلڪار محمد اقبال جي لوڪيشن مولوي عمر جان سرهندي سان گڏ سفر ڪندي آبزرو ڪئي وئي آهي. ايف آءِ اي پاران اهو پڻ انڪشاف ڪيو ويو آهي ته واقعي وقت عمرڪوٽ جو ايس ايس پي ميرپورخاص جي مهراڻ ٿاڻي تي موجود ۽ ميرپورخاص جو ايس ايس پي سي آءِ اي سينٽر ميرپورخاص ۾ موجود هو ۽ ڊي آءِ جي جاويد جسڪاڻي جي هدايتن تي ڊاڪٽر شاهنواز کي ميرپورخاص پوليس حوالي ڪيو ويو. چالان ۾ اهو پڻ ڄاڻايو ويو آهي ته واقعي کان ڪجهه ڏينهن پوءِ الزام هيٺ آيل اهلڪارن 15 لک رپيا به هڪ اڪائونٽ ۾ موڪليا. ايف آءِ اي پاران ڄاڻايو ويو آهي ته ڄاڻايل رپورٽ جوابدارن جي موبائل فونز جي فارنزڪ رپورٽ جي روشنيءَ ۾ جوڙي وئي آهي. اهڙو چالان جمع ڪرائڻ کان پوءِ ڪيس جي ايندڙ ٻڌڻي 26 فيبروري تائين ملتوي ڪئي وئي آهي. هوڏانهن ڊاڪٽر شاهنواز ڪيس جي فريادي ايڊووڪيٽ ابراهيم ڪنڀر چيو آهي ته اڄ ايف آءِ اي اهلڪارن حتمي چالان پيش ڪيو آهي، اسان ان جو جائزو وٺي، انهن ماڻهن کي به ڪيس ۾ شامل ڪنداسين، جن ميرپورخاص جي ڊي آءِ جي آفيس ۾ جشن ملهايو ۽ انهن کي به شامل ڪنداسين جن سوشل ميڊيا ذريعي ماڻهن کي ڀڙڪائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو.

25 بقايا

رهن ٿا. بدقسمتي سان اسان وٽ ماسٽر پلان ناهي، پاڪستان ٺهڻ کان اڳ ۽ پوءِ ڪراچي جا 5 ماسٽر پلان ٺاهيا ويا پر ڪنهن نه ڪنهن سبب جي ڪري انهن تي عمل نه ٿي سگهيو. ڪراچي شهر لاءِ هڪ جامع ماسٽر پلان ضروري آهي، جنهن لاءِ گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047 شروع ڪيو ويو آهي ۽ آگسٽ 2026 تائين مڪمل ڪيو ويندو. اهڙن خيالن جو اظهار هن گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047ع جي افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. جنهن ۾ سنڌ لوڪل گورنمينٽ کاتي ۽ ڪي ڊي اي جي ڊي جي الطاف گوهر، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر محمد ارشد خان، پراجيڪٽ مئنيجر ڊيوڊ گنري، ٽيم ليڊر دارل جده انٽرنيشنل ڪنسلٽنٽ انجنيئر رامي بٽ، انجنيئر رمي بٽ ۽ ٻين پڻ شرڪت ڪئي. . تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير سعيد غني چيو ته توهان سڀني کي هن يادگار تقريب ۾ ڀليڪار ڪرڻ منهنجي لاءِ وڏي اعزاز ۽ فخر جي ڳالهه آهي ڇو ته توهان سڀ ڪراچي جي مستقبل لاءِ پرعزم آهيو جيڪو نه رڳو پاڪستان جو اقتصادي مرڪز آهي پر استحڪام، ۽ ترقي جي علامت پڻ آهي. 2007ع ۾ آخري پلان جنهن جو نالو ڪراچي اسٽريٽجڪ ڊولپمينٽ پلان 2020 هو 2018ع ۾ جڏهن مان لوڪل گورنمينٽ جو وزير هئس ته ان تي مڪمل طور تي عمل نه ٿي سگهيو. جيڪو ٻه سال به پورا نه ڪري سگهيو. سعيد غني چيو ته هن ڀيري اسان ماسٽر پلان کي کليل رکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ پاڪستان جي 100 سال مڪمل ٿيڻ جي حوالي سان ان کي 2047 جو نالو ڏنو ويو آهي. هن چيو ته ان منصوبي تي ڪم آڪٽوبر 2024ع کان شروع ڪيو ويو آهي ۽ ان جي افتتاحي تقريب اڄ ٿي رهي آهي ۽ اهو ٻن سالن ۾ يعني آگسٽ 2026ع تائين مڪمل ڪيو ويندو. هن چيو ته هن ماسٽر پلان بابت ماضيءَ جو تجربو رهيو آهي ته مختلف اسٽيڪ هولڊرز طرفان اعتراض ۽ سفارشون آيا آهن. ان ڪري هن ماسٽر پلان کي گريٽر ڪراچي ريجنل پلان 2047ع جو نالو ڏنو ويو آهي. ان کي سمورن فورمن تي کليل رکيو ويو آهي ته جيئن تجويزون ۽ سفارشون شامل ڪري سگهجن. ان سان گڏ سول سوسائٽي سميت زندگيءَ جي هر شعبي جي ماڻهن کي بورڊ تي آندو پيو وڃي. سعيد غني چيو ته هن ماسٽر پلان ۾ مڪمل هائوسنگ، ٽرانسپورٽ، موسمياتي تبديلي، انفراسٽرڪچر، پاڻي، نيڪال ۽ وڌندڙ آبادي کي نظر ۾ رکيو ويندو جنهن سان ايندڙ 20 سالن تائين اسان لاءِ آساني پيدا ٿي سگهي ٿي.

26 بقايا

هن معاملي تي خاموشي اختيار ڪئي ۽ گمراه ٿيو ته پنجاب وارا ڪئنال ٺاهي ويندا. اهڙن خيالن جو اظهار سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مڱسي ماتلي پهچي ايس ٽي پي جي اڳواڻ گل محمد شاه جي ڀاڄائي ۽ فيض محمد شاه جي گهر واري جي وفات تي سائن تعزيت ڪرڻ ڪان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائڻ دوران ڪيو. ڊاڪٽر قادر مڱسي جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسين سمجهون ٿا ته ڪئنال ٺاهڻ جو مقصد سنڌ جي موت جو پروانو آهي ان کي اسان جيڪا هي مهم هلايون پيا انهي جو بنيادي مقصد اهو آهي ته سنڌي ماڻهن کي آگاهي ڏيون ۽ سنڌ حڪومت تي وڌ ڪان وڌ پريشر پيدا ڪريون ته جيئن سنڌ حڪومت جا نمائندا اسيمبلي ۾ ڪئنالن خلاف ڳالهائين ۽ شهباز شريف تي پريشر اچي ته جيئن هو اهڙا منصوبا ختم ڪن. هن وڌيڪ چيو ته 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ لکين سنڌي ماڻهن جي طاقت ۽ توانائي سان هنن ڪئنالن کي ختم ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪنداسين ۽ ان ڏينهن حڪمرانن جي دماغن مان هوا نڪري ويندي، ان موقعي تي سائٿس گڏ ايس ٽي پي جا اڳواڻ ڊاڪٽر احمد نوناري، شهنواز سيال، اسلم مهندي خالد مڱسي، ذوالفقار شاه، بابو لطف جهيجي اسلم خليفو ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

27 بقايا

۾ جوابدارن جي بريت خلاف اپيل تي ٻڌڻي ڪئي. دهشتگردي ڪورٽ عدالت پ پ جي راڻو سعيد ۽ عبدالوحيد سميت ست ڪارڪنن کي ٻري ڪري ڇڏيو ايڊ ڪيولير جي وڪيل چيو ته ماتحت عدالت شاهدن کي نظر انداز ڪري جوابدارن کي ٻري ڪيو آهي. جوابدارن جي بريت کي ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. جوابدارن جي وڪيلن وڪالت ناما جمع ڪرائي ڇڏيا. عدالت اپيل تي ٻڌڻي 27 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. درخواستگذار پنهنجي موقف ۾ چيو ته فراز شيخ کي 29 فيبروري 2024ع تي قتل ڪيو ويو هو.

28 بقايا

سيڪريٽري اعجاز الحق، ڊپٽي سيڪريٽري غلام نبي چانڊيو، وليم صادق، واحد بخش ناريجو ايڊووڪيٽ ڪامريڊ واجد جان بلوچ، ڊاڪٽر اصغر دشتي، منظور رضي، عجب خان، عارف بلوچ سميت ٻين اظهار يڪجهتي جي لاءِ شرڪت پڻ ڪئي.

29 بقايا

ويو جنهن جي سربراهي ريجنل ڊائريڪٽر محتسب حيدرآباد عبدالوهاب ميمڻ ۽ ڊسٽرڪٽ اڪائونٽ آفيسر سيد افتخار ڪئي _ ريجنل محتسب عبدالوهاب ميمڻ ٻڌايو ته کليل ڪچهري دوران 27 ڪيسن جي ٻڌڻي ٿي جن مان 8 ڪيسن کي اڪلايو ويو جڏهن ته باقي ڪيس ايندڙ ڪچهري ۾ اڪلايا ويندا _ هن چيو ته ضلعي حيدرآباد ٻين ضلعن جي ڀيٽ ۾ بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪري رهيو آهي ۽ عوام جي مسئلن کي ترجيحي بنيادن تي حل ڪيو پيو وڃي _ هن چيو ته گهڻي ڀاڱي ڪيس سال 2024 جا آهن جيڪي ايندڙ مهيني تائين حل ڪيا ويندا _ هن ماڻهن کي صلاح ڏني ته اهي صوبائي ۽ وفاقي کاتن متعلق پنهنجن مسئلن جي حل لاءِ محتسب جي آفيس سان روبرو لهه وچڙ ۾ اچن ته جيئن سنڌن جائز مسئلن کي حل ڪري سگهجي _ کليل ڪچهري دوران ٿي تي نوان ڪيس پڻ داخل ڪيا ويا جن جي ٻڌڻي ايندڙ مهيني کليل ڪچهري ۾ ڪئي ويندي _ عوام جي آگاهي تي زور ڀريندي هن چيو ته اهي پليٽ فارمز عوام جي سهولت لاءِ ٺهيل آهن تنهنڪري شهرين کي کليل ڪچهري ۾ ڀرپور شرڪت ڪرڻ گهرجي _ کليل ڪچهري ۾ صحت کاتي جي 5، تعليم کاتي جي 5، پوليس جي ٻن، زراعت کاتي جي ٽن ۽ گڏيل ايجنسيز جي 12 ڪيسن جي ٻڌڻي ڪئي وئي.

30 بقايا

هوٽل پرسان ڦورن ۽ پوليس وچ ۾ مقابلو، ٽي ڦورو موقعي تي پوليس گرفتار ڪري ورتا ٻه پوليس اهلڪار زخمي هالاڻي پوليس جي جعمدار جو رسولاباد پوليس چونڪي انچارج مٿان ڪلاشنڪوف سان حملو ايس ايڇ او هالاڻي جو حڪم آ ڦورو ڇڏيو ڦورو نه ڇڏڻ تي رسولا آباد جي پوليس چونڪي جي انچارج مٿان هالاڻي پوليس ڏمرجي پئي، ڪلاشنڪوف توشن مڪن سان حملو ڪري هڪ ڦورو رسولاباد پوليس کان ڇڏائي هٿيار سميت کنيي کڻي ويٺي جڏهن ته ڦورن جي موٽر سائيڪل ۽ ٻه ڦورو هنگورجه پوليس پاڻ سان گڏ کڻي ويئي جڏهن ته ڦورن جي سڃاڻپ اياز خاصخيلي ۽ اعجاز خاصخيلي طور سڃاڻپ ٿي آهي جيڪي لاکهاروڊ جا رهواسي ٻڌايا پيا وڃن پوليس جي زخمي نوجوانن ٻڌايو ته هنگورجه پرسان نيشنل هاءِ وي مٿان ڦورو ڦر ڪري هالاڻي طرف وڃي رهيا هيا ته ايس ايڇ او هنگورجه کي ڪنهن اطلاع ڏنو ته ايس ايڇ او هنگورجه اسان رسولاباد چونڪيءَ تي بيٺل پوليس کي ڏنو اسان ڦورن کي روڪڻ جو اشارو ڪيو پر اهي نه رڪيا ته اسان انهن جي پويان لڳي پياسون گلاب هوٽل جي هيٺان اسان آمهون سامهون ٿي وياسين ۽ ڦورن کي گرفتار ڪري ورتو سين ان موقعي تي هالاڻي پوليس به پهچي ويئي جن اسان جوانن کي ڦورن جي هٿ ڪيڻ جا حڪم ڏنا اسان جي انڪار ڪرڻ تي هالاڻي پوليس ڪلاشن جي ڪنٽاڻن جو وسڪارو ڪري ڏنو جن زبردستي هڪ ڦورو اسان کان ڪسي کنيي کڻي ويئي جڏهن ته اڃا تائين ڪئي به ڦورن خلاف ايف آءِ آر داخل ناهي ڪئي وئي.

31 بقايا

نعيميه گلشن نعيمي ملير ڪراچي ۾ ساليانو امتحاني نتيجا ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، تقريب ۾ شعبه عالميہ درجہ عاليہ درجہ خاصہ درجہ عامہ شعبہ حفظ قرآن، قرعت سميت فارسي جي شعبي ۾ پوزيشن ماڻيندڙ شاگردن کي ڊپٽي ڪمشنر ملير سليم الله اوڍو، ڊائريڪٽر ڪراچي يونيورسٽي سليم ميمڻ، مفتي محمد جان نعيمي، مفتي نذير احمد جان نعيمي، اي ڊي سي ملير بشير احمد ميمڻ، اسسٽنٽ ڪمشنر ابراهيم حيدري امير علي ميراڻي ۽ ٻين پاران سرٽيفڪيٽ، شيلڊون، انعامات ڏئي سنڌن حوصلا افزائي ڪئي وئي، تقريب کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر ملير سليم الله اوڍو چيو ته ڪتابن سان دوستي رکڻ وارا ڪڏهن به گمراهه نه ٿيندا ۽ هو پنهنجي حاصل ڪيل علم جي ذريعي ٻين کي فائدو رسائيندا، اميد ته تعليم مڪمل شاگرد دين اسلام جي خدمت سان گڏ ملڪ ۽ قوم جي خدمت لاءِ پنهنجيون سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندا. مفتي محمد جان نعيمي چيو ته جامعه ۾ زير تعليم شاگرد معاشري جو ماڊل رول آهن سنڌن ڪردار سنڌس سڃاڻپ سان گڏ اداري جي به سڃاڻپ آهن. ڊائريڪٽر سليم ميمڻ چيو ته جامعه ۾ وڏي تعداد ۾ شاگرد ڏسي خوشي ٿي آهي معاشري کي جنهن تعليم تربيت جي ضرورت آهي هن اداري ۾ سموريون شيون ميسر آهن جيڪا قابل فخر ڳالهه آهي.

32 بقايا

هاسپيٽل ۾ ڊاڪٽر عبدالقيوم سهتو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ مقرر ٿيڻ بعد سالن کان جمود جي شڪار اسپتال ۾ ترقياتي ڪم تيزي سان شروع ٿي ويا آهن. نوجوان ليکڪ ۽ دانشور ڪمشنر ميانداد راهوجو جي خاص هدايتن تي ايم ايس ڊاڪٽر قيوم سهتو اسپتال جي ڪمزور ٿيل بلڊنگ جي مرمت جو ڪم ڪرائي سالن کان بند پيل وارڊن کي بيهر ڪولرائي ان ۾ مريضن جي داخلا شروع ڪرائي ڇڏي آهي. نوجوان ليکڪ ۽ ميڊيڪل ايڊوائيزر ڊاڪٽر ڪامران اعوان جي مڪمل سهڪار سان سالن کان بند پيل جديد ايڪسري مشين کي بيهر فعال بڻائي مريضن جا ايڪسري ڪرڻ جو عمل به شروع ٿي ويو آهي. ايم ايس ڊاڪٽر عبدالقيوم سهتو حيدرآباد جا هاسپيٽل ۾ ويزا سسٽم جو خاتمو ڪري سالن کان گهروٽي ڊيوٽي ڪندڙ ڊاڪٽرن ۽ ٻئي عملي کي ڊيوٽي جي ڳهرائي ويران پيل وارڊن کي بيهر ايڪٽو ڪري مريضن جو علاج شروع ڪرائي ڇڏيو آهي. جڏهن ته روز جي بنياد تي آپريشن ٿيڻ جو عمل به شروع ٿي ويو آهي. ڪمشنر سيسي ميانداد راهوجو پاران اسپتالن جي مانيٽرنگ لاءِ قائم ڪيل ليبر ڪاميٽي جي اڳواڻ عدنان احمد چيو آهي ته نئين ايم ايس ڊاڪٽر قيوم سهتو جي ڪوشش سان مريضن کي سندن پيسا ملڻ شروع ٿي ويا آهن ۽ اسپتال به هاڻي هلڻ شروع ٿي وئي آهي.

33 بقايا

۾ ٿيو. اجلاس جي صدارت صوبائي وزير محنت ۽ انساني وسيلن/چيئرمين گورننگ باڊي سيسي شاهد عبدالسلام ٿهيم ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر سيسي ميانداد راهوجو، وائيس ڪمشنر سڪندر بلوچ، ميڊيڪل ايڊوائيزر ڊاڪٽر ڪامران اعوان، گورننگ باڊي جا ميمبر محمد خان ابڙو، عبدالواحد شورو، انجنيئر ايم اي جبان محمد دانش خان، خليل احمد بلوچ، مختار حسين ۽ سينيئر ڊائريڪٽر ڪنٽريبيوشن امبرين ڪامل پڻ موجود هئا. اجلاس ۾ پيپلز اسٽاف يونين سي بي اي پاران پيش ڪيل چارٽر آف ڊيمانڊ جي منظوري ڏني وئي ۽ ملازمن جي پگهارن ۾ واڌ جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ گورننگ باڊي سي سي جي سيڪيورٽي سروس ايريا کي ڊيجيٽلائيز ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ 2023 ۽ 2024 جي ٽينڊر جي نتيجي ۾ حاصل ڪيل دوائن جي ادائگي جي به منظوري ڏني وئي. جناح سنڌ ميڊيڪل يونيورسٽي ۽ ڪلفٽن بائي وليڪا سوشل سيڪيورٽي اسپتال جي نرسنگ ڪاليج جي ايم او يو تي نظرثاني جي منظوري ڏني وئي. سوشل سيڪيورٽي ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت 100 بسترن تي ٻڌل ڪينسر اسپتال جي تعمير جي منظوري ڏني وئي. جڏهن ته سوشل سيڪيورٽي وليڪا اسپتال کي جديد طرز تي بحال ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي. سوشل سيڪيورٽي لانڍي اسپتال ۾ جديد طرز جي ماڊيولر آپريشن ٿيٽرن جي تعمير جي منظوري ڏني وئي. گورننگ باڊي حيدرآباد جي هڪ ملازم جي نياڻي جي ڪينسر جي علاج جو خرچ جي به منظوري ڏني وئي. جڏهن ته نئين مالي سال 2025ع جي بجيٽ ۾ سوشل سيڪيورٽي اسپتالن ۾ ڊاڪٽرن جون پوسٽون وڌائڻ جي منظوري ڏني وئي.

34 بقايا

صحافين جي پلاٽن تي سنڌ حڪومت جي 80 سيڪڙو ادائيگي ۽ اتي ترقياتي ڪمن جا سمورا مرحلا مڪمل ڪيا ويا آهن. سنڌ حڪومت گذريل سال جي ساليانو ترقياتي اسڪيمن ۾ ڪا به نئين ترقياتي اسڪيم شامل نه ڪئي هئي، پر هن سال ايل ڊي اي ۾ هاڪس بي تي ترقياتي ڪمن لاءِ پي سي ون ٺاهيو ويو آهي، جيڪو هن سال جي ساليانو ترقياتي پروگرام ۾ شامل ڪيو ويندو. جڏهن ته 7 سئو نون ميمبرن کي پلاٽن جي الاٽمينٽ لاءِ زمين پڻ الاٽ ڪئي وئي آهي. پريس ڪلب پاران انهن ميمبرن جي تصديق بعد قرعه اندازي جلد ڪئي ويندي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گذريل ڏينهن ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي جي اڳوائي ۾ 4 رڪني وفد سان ملاقات دوران ڪيو. اجلاس ۾ ڪي پي سي جو سيڪريٽري سهيل افضل خان، نائب صدر ارشاد ڪوڪر ۽ خزانچي عمران ايوب موجود هئا. اجلاس ۾ اسپيشل سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ عائشه حميد ڊي جي ايل ڊي اي صفدر ڊي جي ايم ڊي اي سعيد جمالي، پراجيڪٽ ڊائريڪٽر لئيق احمد ۽ ٻيا ايل ڊي اي ۽ ايم ڊي اي جا آفيسر موجود هئا. اجلاس ۾ ڪراچي پريس ڪلب جي صدر فاضل جميلي صوبائي وزير کي سنڌ حڪومت پاران ايم ڊي اي جي تيسر ٽائون ۾ صحافين جي پلاٽن جي 80 سيڪڙو ادائگي، هاڪس بي ۾ ايل ڊي اي جي صحافين جي پلاٽن تي هلندڙ ترقياتي ڪمن، ڪراچي پريس ڪلب جي 7 سئو نون ميمبرن کي پلاٽن جي فراهمي ۽ ڊپٽي ڪمشنر ڪراچي کان زمين جي منتقلي بابت صوبائي وزير کي آگاهه ڪيو. ان موقعي تي ڊي جي ايل ڊي اي جو چوڻ هو ته گذريل مالي سال ۾ سنڌ حڪومت پاران اي ڊي پي ۾ ڪا به نئين اسڪيم نه رکي وئي هئي، جنهن سبب اتي ترقياتي ڪم نه ٿي سگهيا هئا، پر هاڻي پي سي ون ٺاهيو ويو آهي ۽ منظور ڪيو ويو آهي.

35 بقايا

احتجاجي مظاهرو ڪري ايم ايس ۽ ان جي عملي خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي.

36 بقايا

جي موقعي تي ايم ڪيو ايم پاڪستان سجاول زون طرفان قبرستان تي پنهنجي پيارن جي قبرون تي مٽي وجهڻ ۽ دعا گهرڻ لاءِ ايندڙ شهرين لاءِ کاڌي پيتي جي ڪئمپ لڳائي وئي. اسماعيل شاه بخاري قبرستان تي لڳايل ڪئمپ تي ايم ڪيو ايم سجاول زون جي انچارج بابو مختيار لغاري، جوائنٽ انچارج غلام حسين ميمڻ، رمضان لاشاري، غلام نبي چانڊيو، حسن زنگيجو ۽ ايم ڪيو ايم سجاول زون جي ڪارڪنن پاران شهرين کي برياني ۽ مٺو پاڻي پيئاريو ويو.

37 بقايا

تباهي جو ذميوار زرداري آهي. جنهن سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ جي اجازت ڏني آهي اهڙن خيالن جو اظهار جي ڊي اي اڳواڻ اڳوڻو وفاقي وزير لياقت علي جتوئي دادو ۾ عوامي آگاهي بابت گڏجاڻي دوران ميڊيا سان ڪيو. هن چيو ته جي ڊي اي پاران سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ واري فيصلي خلاف 16 فيبروري تي سيوهڻ کان ميهڙ تائين مارچ ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويندو سنڌ جا سڄاڻ هن مارچ ۽ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندا. هن چيو ته مشرف جي دور ۾ ڪالاباغ ڊيم جي مخالفت ڪئي هئي هڪ به ڪئنال سنڌو درياهه مان ڪڍڻ نه ڏنو هو. صدر زرداري سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪيرائي سنڌ کي بنجر بنائڻ چاهي ٿو. هن چيو ته جي ڊي اي سان لاڳاپيل سياسي تنظيمون توڙي قومپرست اڳواڻ ڌرڻي ۾ شرڪت ڪندا. سنڌو درياهه تي 6 ڪئنال اڏڻ سان سنڌ جا ماڻهون برباد ۽ تباهه ٿي ويندا سنڌ جي معشيت زراعت آهي ان کي ڪنهن به صورت ۾ تباهه ٿيڻ نه ڏينداسين. هن چيو ته ضلعي، تعلقي ۽ ڳوٺن سطح تي جاڳرتا مهم جو آغاز ڪيو ويو آهي، وفاق کي هر صورت ۾ فيصلو واپس وٺڻو پوندو.

38 بقايا

دعائون گهريون. ان سلسلي ۾ شب برات جي موقعي تي وڏي انگ ۾ ماڻهن پنهنجن فوت ٿيل مائٽن جي قبرن تي زيارت ڪري ۽ انهن جي روحن جي تسڪين لاءِ فاتحه خواني ڪرڻ سميت پيارن جي قبرن تي گلن جون پتيون ۽ گل رکيا. ان سلسلي ۾ سکر جي مختلف قبرستانن ۾ ماڻهن جي وڏي انگ ۾ پنهنجن پيارن جي قبرن تي وڃي حاضري ڀري سکر جا مختلف قبرستانن جنهن ۾ بابن شاه، پير مراد شاه، لال مشائخ، نئون ڳوٺ ۽ ٻيا قبرستان شامل آهن. ڏيئا روشن ڪرڻ سان گڏ، ماڻهن پنهنجن ٻارن سان گڏ قبرستانن ۾ گلن جون پتون ۽ چادرون به رکيون ۽ پنهنجن ٻارن کي پنهنجن بزرگن جي قبرن بابت آگاهي ڏني ته جيئن جڏهن ٻار وڏا ٿين ته اهي مخصوص ڏينهن تي قبرستانن تي اچي پنهنجن پيارن جي قبرن تي اچي فوتين جي بخشش لاءِ دعائون گهرن

39 بقايا

آپريشن جاري رکيو. آپريشن دوران ڌاڙيلن جي سهولتڪاري جي الزام هيٺ پنج شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب، آپريشن سنڌرائي گينگ، محمد حنيف ميرائي، ۽ جهرو ماڇي جي گينگ خلاف ڪيو پيو وڃي، جن تي ڌاڙن، اغوا، ۽ ٻين سنگين ڏوهن ۾ ملوث هجڻ جا الزام آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار ٿيل ماڻهن کان پڇاڳاڇا ڪئي پئي وڃي جنهن بعد قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف، گرفتار ٿيلن جي وارثن پوليس تي الزام لڳائيندي چيو آهي ته سنڌن ماڻهن بيگناهه آهن. ۽ پوليس ناحق پورهيتن کي کڻي گم ڪري ڇڏيو آهي. غلام رسول ماڇي جيڪو گرفتار ٿيلن مان ڪجهه ماڻهن جو وارث آهي، جنهن صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته اسان جا ماڻهون ڪچي ۾ شادي تي ويل هئا، جتان پوليس بيگناهه ماڻهن کي کڻي ورتو محمد آصف، محمد لقمان، قدرت الله، ۽ جميل احمد ماڇي ناحق گرفتار ڪيا ويا آهن. اسانجو ڪنهن به ڏوهي سرگرمي سان ڪو واسطو ناهي، پوليس کي گهرجي ته اسان جي ماڻهن کي فوري آزاد ڪري. ٻئي طرف، پوليس جو موقف آهي ته آپريشن ڏوهن جي خاتمي لاءِ آهي، ۽ ڏوهن جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهندو

40 بقايا

چيئرپرسن ميڊم شائسته بلوچ سنجهوري پهچي استيپ فائونڊيشن تعلقي سنجهوري جي آفيس جو افتتاح ڪيو! ميڊيم شائسته بلوچ کي سنجهوري اچڻ تي ممبرن پاران سنڌس مٿان گلن جي ورکا ڪئي وئي ۽ اجرڪن جا تحفا پيش ڪري سنڌس شاندار استقبال ڪيو ويو! انهي موقعي تي، تعلقي جي چونڊيل عهديدارن ۽ ميمبرن کي مبارڪباد پڻ ڏني، آفيس جي افتتاحي تقريب ۾ سنجهوري شهر جي سياسي سماجي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، انهي موقعي تي استيپ فائونڊيشن جي چيئرپرسن ميڊم شائسته بلوچ چيو ته استيپ فائونڊيشن جو مقصد غريب ۽ مستحق طبقي جي بنا ڪنهن رنگ نسل جي هر ممڪن مدد ڪرڻ آهي ۽ اسان ٻي سهارا ٻي يارومدد ماڻهن کي انهن جي دهليز تائين انصاف فراهم ڪرائڻ ڏيڻ ۾ پڻ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي , هن وڌيڪ چيو ته هن وقت استيپ فائونڊيشن سڄي سنڌ ۾ بهترين نموني سان ڪم ڪر رهي آهي , استيپ فائونڊيشن طرفان ڪيترن ئي اجتماعي شادين جون تقريبون منعقد ڪيون ويون آهن جنهن ۾ اسان مستحق نياڻين ڏاج پوٽ فراهم ڪيو , ۽ ڪيترن ئي جسماني طور تي متاثر ٿيل ماڻهن کي ويلچيئر وغيره جو بندوبست ڪرائي ڏنو آهي ۽ مستحق خاندانن کي راشن وغيره پڻ فراهم ڪيو آهي ! ۽ انشاالله جلد سنجهوري شهر ۾ به استيپ فائونڊيشن طرفان تقريبن 20 اجتماعي شادين جو ڪاج سجايو ويندو , جنهن ۾ اسان في نياڻي کي ڏيڍ ڪان ٻه لک روپين تائين ڏاج ڏينداسين ! جنهن بعد استيپ فائونڊيشن جي چيئرپرسن ميڊم شائسته بلوچ جي سالگره جي ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويو , جنهن ميڊم شائسته بلوچ استيپ فائونڊيشن تعلقي سنجهوري جي ٽيم جنهن ۾ صدر سروپ ساگر مهاراج جنرل سيڪريٽري غلام شبير لغاري ليڊيزونگ جي صدر امبر دعا جمالي سينئر نائب صدر عاطف رفيق پناهڻ نائب صدر حاجي قربان علي لغاري جوائنٽ سيڪريٽري راجا هاجاڻو خزانچي جيوت ڪمار محمد هارون ابڙو خان محمد لنڊ محمد احسان شيخ جن جو تهه دل سان پڻ شڪريہ ادا ڪيو.

41 بقايا

اظهار بهاءُ الدين ذڪريا يونيورسٽي ملتان جي پروفيسر ۽ ٽيچرز آرگنائيزيشن آف پاڪستان جي صدر ڊاڪٽر الطاف حسين لنگڙيال سکر ضلعي ۾ ٽيچرز آرگنائيزيشن آف پاڪستان، سکر ضلعي جي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ضلعي باڊي کي خطاب ڪندي هن چيو ته استادن تائين اهو پيغام پهچايو وڃي ته انهن مان جيترو ٿي سگهي ٽيچرز آرگنائيزيشن آف پاڪستان ۾ شامل ٿين. ڇاڪاڻ ته استادن جي واحد تنظيم آهي جيڪا ڪيڊر جي فرق کان سواءِ سڀني استادن جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿي ۽ صرف خدمت جي بنياد تي حق حاصل ڪري ٿي، سنڌ جي صوبائي صدر پروفيسر رئيس احمد منصوري پنهنجي تقرير دوران چيو ته سکر ضلعي ۾ استادن جي يونين جو قيام تمام ضروري هو ڇاڪاڻ ته سکر ضلعي ۾ تمام گهڻا ڄاڻو استاد آهن جيڪي استادن جي حقن جي حاصلات ۾ استادن جي يونين جي مدد ڪري سگهن ٿا. ان موقعي تي صوبائي سيڪريٽري براڊڪاسٽنگ مشرف ڪريم، نئون چونڊيل ضلعي صدر پروفيسر محمد ادريس لاشاري، ۽ تعليم ۽ تحقيق کاتي جي ريجنل ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ارباب منظور علي پڻ موجود هئا.

42 بقايا

جي ايس ايڇ او اسنيپ چيڪنگ دوران هڪ جوابدار راڪيش ڪمار جي قبضي مان 36 بوتلون شراب هٿ ڪري ڪيس گرفتار ڪري ورتو ترجمان ايس ايس پي سکر موجب گرفتار جوابدار خلاف ٿاڻي تي PEHO3/4 تحت ڪيس داخل ڪري ڇڏيو آهي ڪامياب ڪاروائي تي ايس ايس پي سکر پوليس ٽيم کي شاباس ڏيندي ڪاروائيون وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون آهن

43 بقايا

ٽائون انتظاميہ طرفان 1122 ريسڪيو ٽيمون ۽ مختلف علائقن جاتوپا پڻ گهرايا ويا پر ٻڏي ويل 22 سال نوجوان جو لاش هٿ نه اچي جڏهن ته امڙ ۽ ڀينرن کي مسلسل بيهوشي جا دورا پئي رهيا آهن امڙ ۽ ڀينرون ۽ ٻيون عورتون بار بار نصرت ڪينال تي پهچي قرآن خواني وغيره جو ورد پڻ ڪن ٿا ٽائون چيئرمين امتياز آرائين طرفان نصرت ڪينال تي مختلف مسجدن جا طالب علم پڻ گهرائي قرآن خواني ڪرائي وئي ٻئي پاسي پريارو جي سياسي سماجي اڳواڻ مير عاشق حسين بروهي وارثن وٽ پهچي سنڌس کي هر ممڪن مدد جي يقين ڏياري ڪرائيندي هڪ لک روپيا ڪيش پڻ ڏنا ان سلسلي ۾ هن چيو ته امڙ جو نوجوان پٽ گذريل 7 ڏينهن کان گم آهي خدارا نصرت ڪينال بند ڪرائي لاش جي ڳولا ڪئي وڃي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين لاش هٿ نه اچي سگهيو

44 بقايا

ته ڪالهه نئون ديرو پريس ڪلب اڳيان سولنگي ۽ ٻرڙا ذات جي ماڻهن پاران سردار امير بخش خان ڀٽو خلاف ڪيل احتجاجي مظاهرو سراسر ۽ مڪمل طور تي ڪوڙ بدنيتيءَ ۽ ڪردارڪشيءَ تي مبني آهي جنهن ۾ ڪا صداقت ڪونهي، هي ماڻهو ڪجهه عرصي کان سردار امير بخش خان ڀٽو جن وٽ ڄاڻايل زمين متعلق آيا هئا جنهن دوران هو سردار امير بخش خان ڀٽو وٽ ڪوبه اهڙو ٺوس مالڪاڻي حق وارو هڪ به دستاويز پيش ڪري نه سگهيا آهن. انهن وٽ صرف پراڻي رڪارڊ جون فوٽوڪاپيون آهن جنهن تي سردار امير بخش خان ڀٽو انهن کي بار بار چوندا رهيا آهن ته موجوده رڪارڊ جا سچا نقل وٺي اچو جنهن مان اهو ثابت ٿئي ته اوهان جو حق لڳي ٿو پر اڄ ڏينهن تائين ٻرڙا ۽ سولنگي ثابت ڪونه ڪري سگهيا آهن ڇو جو انهن جي حق ۾ رڪارڊ آهي ئي ڪونه حقيقت اها آهي ته احتجاج ڪندڙن جي وڏڙن پراڻي وقت ۾ اهي زمينون ٻين کي وڪرو ڪري ڏنيون هيون جن کان سردار ممتاز علي خان ڀٽو مرحوم اهي زمينون خريد ڪيون هيون هي ماڻهو 100 سال پراڻا پنا کنيون گهمندا ٿا وتن جڏهن ته روينيو رڪارڊ ۾ گهڻي تبديلي اچي چڪي آهي جيڪو وقتن بوقتن وڪري سبب تبديل ٿيندو ٿو اچي، انهن زمينن جو رڪارڊ اڄ به روينيو آفيس ۽ سردار امير بخش خان ڀٽو جن وٽ موجود آهي جنهن رڪارڊ جي روينيو آفيس وارن به تصديق ڪئي آهي، سردار امير بخش خان ڀٽو جن جي ملڪ کان ٻاهر هجڻ جو فائدو وٺندي سنڌس جي غيرموجودگيءَ ۾ ٻرڙا ۽ سولنگي ڪنهن نه ڪنهن جي اشاري ۽ ٻچ تي سردار امير بخش خان ڀٽو جن جي خلاف احتجاج ڪري مٿس الزام تراشي ۽ ڪردار ڪشي ڪري رهيا آهن جيڪا سراسر بدنيتيءَ تي مبني آهي. ان شاءَ الله چند ڏينهن ۾ سردار امير بخش خان ڀٽو جن ڏيهه پهچي ويندا.

45 بقايا

ڪندي چيو ته ڪالهه شام جو 3 وڳي اسان پٽ 7 سالن جو احسان ڀٽو قائم ڪالوني جي عائشه مدرسي نوشهرو فيروز ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ ويو ته مدرسي مان شاگردن ۽ مولوي عبدالله سيال جي سامهون پوليس اهلڪار فياض ڀٽو مدرسي ۾ گهڙي مولوي کي ڌڪا ڏئي 7سالن جي معصوم احسان کي اغوا ڪري ويو آهي مدرسي جي مولوي اسان کي اطلاع ڏنو ۽ ٻڌايو ته پوليس جو سپاهي فياض ڀٽو اوهان جي ڇوڪري کي زوري اغوا ڪري ويو آهي جڏهن اسان ٿاڻي تي وڃي ڪيس داخل ڪرائڻ جي ڪئي ته اغواڪار پوليس اهلڪار جي ڀاءُ شڪيل روڪيو ان چيو ته پوليس ڏي نه وڃو ڇوڪري کي واپس ڪرايون ٿا سڄي رات ماءُ روئندي رهياسين انتظار ڪرڻ بعد اغوا ڪار پوليس اهلڪار فياض ڀٽو جي ڀاءُ جواب ڏئي ڇڏيو آهي معصوم جي ماءُ ساجده وڌيڪ چيو ته اسان کي شڪ آ ته ظالم ڪٿي اسان جو ٻچو ماري نه ڇڏي هن ايس ايس پي نوشهرو فيروز سميت اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مون پنهنجو ٻچڙو آزاد ڪرائي ڏنو وڃي جڏهن ته احتجاج دوران احتجاج ڪندڙن جي ماءُ کي پريس ڪلب اڳيان بيهوش ٿي وئي جنهن کي سول اسپتال پهچايو ويو

46 بقايا

آصف مجيد قريشي جي عدالت ضلعي سجاول جي تعلقي شاهبندر جي لاڏيون ٿاڻي تي داخل قتل جي ڪيس جي گذريل ڏينهن ٻڌڻي دوران جوابدار نور احمد خاصخيلي تي قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڪيس ڦاهي ۽ 5 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. عدالت پاران سزا ڏنل جوابدار 2023 ۾ لاڏيون ٿاڻي جي حد ۾ علي احمد خاصخيلي کي قتل ڪيو هو. جنهن تي مقتول جي ڀاءُ محمد حسن خاصخيلي جي فرياد تي 07/2023 دفع PPC.302 جي تحت ڪيس داخل ڪيو ويو هو. ڄاڻايل ڪيس جي جاچ انسپيڪٽر غلام مصطفي عطاءِ عدالت ۾ پيروي منور علي ڊاهو ڪري رهيو هو.

پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل
ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

NO. PMC/AGRI/2024-25/BHC/03 Dated: 12-02-2025

ٽينڊر نوٽيس / NIT

ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ. "بينظير هاري ڪارڊ اسڪيم" جي عنوان سان نان اي ڊي پي (25_2024) تحت اسڪيم لاءِ سرڪاري فنڊس مان پاڪستاني رپين ۾ مختص ٿيل رقم وصول ٿي آهي. اهو ان مختص ٿيل فنڊس مان نان اي ڊي پي جي ڪجهه حصي جي رقم مان مختلف گڊس ۽ سروسز جي فراهميءَ لاءِ ڪانٽريڪٽ تي خرچ ڪرڻ جو ارادو رکي ٿو.

ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ سال 25_2024 لاءِ ATL فهرست ۾ لازمي طور تي پنهنجو نالو رکندڙ ۽ انڪم ٽيڪس (SRB)، سيلز ٽيڪس، جيڪا لاڳو هجي) سان رجسٽرڊ اهل ۽ سٺي ساک رکندڙ واڪ ڊينڊرز/ جنرل آرڊر سپلائيرز کان سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رول 46(2) سان مطابقت رکندڙ "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار" تحت مهربند آڇون گهربل آهن. جنهن لاءِ ساڳئي نوعيت جو تجربو رکندڙ شرڪت جي اهل هوندا.

شمار نمبر	آئٽمز	تعداد	ٽينڊر في
.1	پرنٽنگ اينڊ پبليڪيشن	مختلف	3000/_ رپيا
.2	ٻيا متفرق	مختلف	3000/_ رپيا
.3	اسٽيشنري	مختلف	3000/_ رپيا
.4	ڪئپيسٽي بلڊنگ	مختلف	3000/_ رپيا
5	مشينري ۽ ايڪوئپمينٽ جي مرمت	مختلف	3000/_ رپيا
.6	رجسٽريشن	مختلف	3000/_ رپيا
.7	هارڊ ويئر/ IT ايڪوئپمينٽ	مختلف	3000/_ رپيا

1. خواهشمند اهل واڪ ڊينڊر ڪورا ٽينڊر دستاويز پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل، بيورو سپلاءِ اينڊ پرائسز بلڊنگ، 5 فلور، اسٽريٽ نمبر 19/1، بلاڪ 6، گلشن اقبال، نزد نيپا، ڪراچي مان اشاعت جي تاريخ کان 28_02_2025 تائين دفتري وقت دوران حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ ايس پي پي آر اي جي ويب سائيٽ تان ڊائونلوڊ پڻ ڪري سگهن ٿا.
2. واڪ دستاويزن جو هڪ مڪمل سيٽ هيٺ صحيح ڪنڊر کي لکت ۾ درخواست سان گڏ مٿي ڄاڻايل ناقابل واپسي ٽينڊر في بصورت PO/DD بحق ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل، پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل جمع ڪرائڻ عيوض خريد ڪري سگهن ٿا. فراهمي واڪ ڊينڊرن لاءِ هدايتون ۽ GCC ۾ ڏنل شقن ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ آرڊيننس ۽ ان جي رولزءِ ترميمن جي شقن مطابق تيار ٿيل هجي.
3. آڇون لازمي طور تي پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل،، بيورو سپلاءِ اينڊ پرائسز بلڊنگ، 5 فلور، اسٽريٽ نمبر 19/1، بلاڪ 6، گلشن اقبال، نزد نيپا، ڪراچي ۾ 28_02_2025 تي صبح 10:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ پهچائڻ/جمع ڪرائڻ گهرجن ۽ ساڳيون پروڪيورمينٽ ڪميٽي طرفان ساڳئي ڏينهن يعني 28_02_2025 تي صبح 11:00 وڳي پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل،، بيورو سپلاءِ اينڊ پرائسز بلڊنگ، 5 فلور، اسٽريٽ نمبر 19/1، بلاڪ 6، گلشن اقبال، نزد نيپا، ڪراچي ۾ موقعي تي موجود رهڻ جي خواهشمند واڪ ڊينڊرن يا سندن مجاز نمائندن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون.
4. ٽينڊر/ آڇن سان گڏ ٽينڊر دستاويزن ۾ ڄاڻايل آئٽمز مطابق مجموعي تخميني لاڳت جي 5% بڊ سيڪيورٽي/ سوٽي رقم بصورت PO/ DD بحق ايڊيشنل ڊائريڪٽر جنرل، پلاننگ اينڊ مانيٽرنگ سيل کي مهربند لفافي ۾ ڏيڻي پوندي. بڊ سيڪيورٽي کان بنا ٽينڊر شامل نه ڪيا ويندا.
5. ايس پي پي آر آءِ رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي شقن مطابق تعداد ۾ گهٽتائي/ واڌارو ٿي سگهي ٿو.
6. پروڪيورنگ ايجنسي ايس پي پي آر آءِ رولز 2010 (اڄ تائين ترميم ٿيل) جي لاڳاپيل شقن تحت ڪنهن به يا سمورين آڇن کي رد ڪري سگهي ٿي.
7. واڪ ڊينڊر لازمي طور تي پنهنجا ريٽ سمورين لاڳو ٽيڪسز ۽ ٻين چارجز سميت ڏين.
8. مشروط ٽينڊر قبول نه ڪيا ويندا.
9. دير سان آيل ٽينڊر/ آڇون قبول نه ڪيون وينديون ۽ بنا کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
10. واڪ ڊينڊر کي هدايت ڪجي ٿي ته اهي پنهنجا بهترين ۽ حتمي ريٽ آڇين ڇو ته انهن تي بحث جي گنجائش نه آهي.

سيڪشن آفيسر (B&A)
ايگريڪلچر، سپلاءِ اينڊ پرائسز ڊپارٽمينٽ

INF-KRY/520/2025

پڙهندي سنڌ ته ..... وڌندي سنڌ

PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD.
(WHOLLY OWNED SUBSIDIARY OF STATE BANK OF PAKISTAN)

INVITATION FOR BIDS
(SINGLE STAGE - ONE ENVELOPE PROCEDURE)

SEALED BID ON PRESCRIBED BIDDING DOCUMENTS ARE INVITED FROM REPUTABLE SERVICE PROVIDERS, MUST BE REGISTERED WITH TAX AUTHORITIES AND ARE **ACTIVE TAX PAYERS** FOR FOLLOWING JOB ON **F.O.R.** BASIS:

TENDER NO.	BID SUBMISSION DEADLINE	BID OPENING SCHEDULE	EARNEST MONEY	DESCRIPTION OF JOB / ITEMS	MAKE & QTY.
LP/T-2167/25	28-Feb-2025 11:00 A.M	28-Feb-2025 11:30 A.M	Rs. 10,000/-	Supply of 07 x Items for RO Plant Operations and Maintenance Works	As per BOQ
SPECIFICATION / BOQ / EVALUATION CRITERIA / DETAIL ATTACHED WITH RELEVANT DOCUMENT.					

- BIDS WILL BE OPENED ON THE ABOVE BIDS OPENING DATE & TIME IN PRESENCE OF PARTICIPATED BIDDERS WHO WISH TO ATTEND.
- DETAILED TENDER REQUIREMENTS ARE AVAILABLE ON THE PPRA WEBSITE www.ppra.org.pk AND AT PSPC WEBSITE www.pspc.gov.pk.
- TENDER DOCUMENTS CONTAINING THE GENERAL CONDITIONS OF THE CONTRACT, INCLUDING TECHNICAL DETAILS / SPECIFICATIONS, ETC., ARE AVAILABLE ON THE PSPC PVT. LTD. WEBSITE.
- BIDDER(S) ARE REQUIRED TO DOWNLOAD COMPLETE BID/TENDER DOCUMENT AND DROPPED IT IN THE TENDER BOX PLACED AT P.S.P.C PVT. LTD. FACTORY MAIN GATE OF PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION PVT. LTD. (PSPC) FACTORY, JINNAH AVENUE, MALIR HALT, KARACHI ON OR BEFORE ABOVE-MENTIONED DATE & TIME BIDDER(S).

Muhammad Asad Khan
Deputy General Manager
(Purchase)
PAKISTAN SECURITY PRINTING CORPORATION (PVT.) LTD.

PID (K) 2508/24

نيوسعيدآباد ۾ مبينا چور تي تشدد جو نبيرو، ڏوهي ڌر تي ڏهه لک رپيا ڏنڊ

نبيرو ڳوٺ شهمير راهو ۾ نظير احمد راهو جي سرپنچي ۾ ٿيو، تشدد ڪندڙن کي ڏوهي قرار ڏنو ويو

سرپنچ جوابدار ڌر تي ڏهه لک رپيا ڏنڊ مڙهيو، ٻئي ڌريون فيصلو قبوليندي کير ڪنڊ تي ويون

دڪاندارن مبينا چور علي ٻانهون ماڇي کي ٻاءِ پاس تي فرجن جي دڪان مان ڪمپريسر چوري ڪندي پڪڙي تشدد جو نشانو بڻايو هو

نيوسعيدآباد: مبينا چور تي تشدد واري معاملي جو نبيرو ٿي رهيو آهي

نيوسعيدآباد (محبوب علي ڪاڪا) مبينا چور علي ٻانهون /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

لاڙڪاڻي ۾ انتظاميه پاران مسجدن ۽ امام بارگاهن جي صفائي ڪرائي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سنڌ سالڊ ويسٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

وڏي وزير سان جاپاني سفير جي ملاقات، ٻه طرفي لاڳاپن ۽ سيڙپڪاريءَ تي ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

سکر ۾ اين آءِ سي وي ڊي اسپتال پرسان گودام تي ڇاپو، ڪروڙين روپين جون جعلي دوائون هٿ

ڊرگ انسپيڪٽر شفق چاچڙ، اي سي ۽ حساس ادارن گڏيل ڪارروائي ڪندي جعلي دوائن جي گودام تي ڇاپو هنيو

ڇاپي دوران هڪ ڪروڙ کان وڌيڪ جا ماليت جا 284 ڪارٽن ۽ ٻيون غير معياري دوائون هٿ ڪيون آهن: شفق چاچڙ

مغل برادري جو گودام مالڪ فرار ٿي ويو، دوائون چڪاس لاءِ ڪراچي اماڻينداسين، رپورٽ اچڻ بعد ڪيس داخل ٿيندو

سکر (رپورٽ: شڪيل عاجز) سکر جي سرڪاري اين آئي سي وي ڊي اسپتال واري علائقي ۾ ڳجهو اطلاع ملڻ تي ڊرگ انسپيڪٽر سکر /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڪنڊڻ پريس ڪلب جو سينئر صحافي عبدالله چانڊيو ڪجهه عرصو بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو

ڪنڊڻ (رپورٽر) ڪنڊڻ پريس ڪلب جو سينئر صحافي عبدالله چانڊيو ڪجھ عرصي کان بيمار رهڻ بعد لاڏاڻو ڪري ويو مرحوم ڪنڊڻ پريس ڪلب /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

سيوهڻ: ايڊمنسٽريٽر اوقاف صحافين سان ڳالهائي رهيو آهي

ايڊمنسٽريٽر اوقاف پاران قلندر جي مزار جو دورو، ناقص انتظامن تي ڪاوڙ جو اظهار

فرغ شهزاد قريشي عرس انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ درگاهه جي دوري تي پهچي ويو

هلندڙ ڪمن مان مطمئن ناهيان، زائرين کي سهولتون فراهم ٿيڻ گهرجن: فرغ شهزاد

سيوهڻ (ن پ ڪ) صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي 773 هين ساليانى عرس مبارڪ جي حوالي سان چيف ايڊمنسٽريٽر اوقاف فرغ شهزاد /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

جمال شاهه ۾ ايريگيشن ملازمن جو ٽريزري آفيس انچارج خلاف احتجاج

ٽريزري انچارج حبيب الرحمان مبينا رشوت نه ملڻ سبب پگهارون بند ڪيون آهن: شعيب

ملازمن جون پگهارون جاري ڪيون وڃن، ٻي صورت ۾ آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو: چناءُ

جمال شاهه (رپورٽ: احسان علي جمالي) جمال شاهه ۾ ايريگيشن داد ڊويزن جي ملازمن يونين اڳواڻ حاجي شعيب بلڙ، راڻو زرداري، عبدالحنان زرداري /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ماحولياتي تحفظ واري کاتي جي ٽيم پاران شوگر ملن جو دورو، واٽر ٽريٽمينٽ پلانٽ جا نمونا ورتا

سنڌ حڪومت جي ايڪٽ جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪئي ويندي: اسسٽنٽ ڊائريڪٽر

ماحولياتي تحفظ وارو کاتو ماحول جي تحفظ لاءِ سرگرم آهي، سڀني کي تعاون ڪرڻو پوندو: اسد الله ٿنيو

ڊائريڪٽر جنرل جي هدايتن تي جي ڪي شوگر مل ۽ ايس جي ايم شوگر مل پهچي نمونا ورتا آهن: ڳالهيون

ڏهرڪي (رپورٽ وجي ڪمارچاولا) ماحولياتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

جمال شاهه: ايريگيشن ملازم ٽريزري عملدار خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

سکر ۾ پيڪا خلاف پي ايف يو جي، جي بک هڙتال جاري

پيڪا قانون کي ڪنهن به ريت قبول نه ڪيو ويندو: آصف ظهير لوڌي

آزادي اظهار تي پابندي وارو قانون واپس ٿيڻ تائين احتجاج جاري رهندو: سحرش

سکر (بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس (SUJ) پاران پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي سکر پريس ڪلب اڳيان /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

چوهڙجمالي ۽ ڀرپاسي جي چوپائي مال ۾ وئڪسينيشن جو عمل شروع

چوپائي مال کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ ويڪسين جو عمل تيز ڪيو آهي: عبدالعزيز

چوپائي مال ۾ ڦهليل بيمارين گهل گهوٽو، ڦقڙي ۽ لاميي کان بچائڻ جي ڪوشش ۾ آهيون

چوهڙجمالي (ن پ ڪ) چوهڙجمالي ۽ ڀرپاسي جي ڳوٺن ۾ چوپائي مال کي خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جي وئڪسين ڪرڻ جو عمل /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

درگاهه عبد الله شاهه گودڙيو جو ميلو شروع، گادي نشين افتتاح ڪري ڇڏيو

گادي نشين فقير ارباب چانڊيو درگاهه تي چادر چاڙهي ساليانى ميلي جو افتتاح ڪيو

سنڌ جون درگاهون امن، پيار، محبت جو پيغام ڏين ٿيون: ارباب چانڊيو جون ڳالهيون

فريدآباد (رپورٽ: سڪندر علي بروهي) ڪاڇي جي درگاهه عبد الله شاهه گودڙيو جو ساليانو ميلو شروع ٿي ويو آهي ميلو ٽي ڏينهن /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

سکر: ڊي سي ۽ ڊرگ انسپيڪٽر تحويل ۾ ورتل دوائن جو معائنو ڪري رهيا آهن

ڪپرو ۾ سيد غوث علي شاهه جيلانيءَ جو روحاني دورو، مريدن جي ريلي

جيلاني جماعت جي هزارين مريدن پير سيد غوث علي شاهه جيلاني جو شاندار استقبال

جماعت وارا نياڻين کي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ سان گڏوگڏ نماز جا پابند ٿين: غوث علي شاهه

ڪپرو (رپورٽ: چيتن سوني) پير سيد غوث علي شاهه جيلانيءَ پنهنجي روحانيءَ سفر تي ڪپرو پهتو جتي هزارين جيلانيءَ جماعت جي مريدن ۽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

نوشهرو فيروز مان ايريگيشن انجنيئر جاويد آفتاب هٽايو، ملازمن جو احتجاج

انجنيئر جاويد آفتاب هر دفعي پوسٽنگ ڪرائي سمورا فنڊ هڙپ ڪري ويندو آهي: ياسر اقبال

اسڪارپ ڪالوني کي تباهي کان بچايو وڃي ٻي صورت ۾ سڄي سنڌ ۾ احتجاج ڪبو: چناءُ

نوشهرو فيروز(ڊ) اسڪارپ ايريگيشن ڊويزن نوشهرو فيروز /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

مورو مان حدخلين وارو ملبو هٽائي بحاليءَ جو ڪم ڪيو وڃي: ڊي سي

ڊي سي نوشهروفيروز جي صدارت هيٺ اجلاس، حدخلين هٽائڻ بعد جائزو ورتو ويو

شهرجي خوبصورتي لاءِ داخلي ۽ خارجي رستن تي ٻوٽا پوکيا وڃن: ارسلان سليم

نوشهروفيروز (ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر نوشهروفيروز /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

ايس ٽي پي سربراهه جي صدارت ۾ اجلاس، 24 فيبروري واري ريلي ۽ يوم مادر وطن جي تيارين جو جائزو

عوام پنهنجي مادر وطن جي تحفظ ۽ سنڌو درياءَ جي حفاظت لاءِ تيار آهي: قادر مگسي

حڪمران سنڌو درياهه کي سُڪائي خوشحال سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهين ٿا: ايس ٽي پي سربراهه

حڪمرانن سدائين غلط پاليسين ۽ غيرآئيني فيصلن کان ملڪ کي نقصان رسايو آهي: اجلاس ۾ خطاب

حيدرآباد (بيورو) 24 فيبروري تي حيدرآباد ۾ سنڌو درياءَ تي ڪئنال ٺاهڻ واري منصوبي خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

ڪشمور ۾ بدامني ۽ ڀتي جون پرچيون ملڻ خلاف چوٿين ڏينهن به ريلي ۽ ڌرڻو

نيشنل پريس ڪلب ۽ غوثپور پريس ڪلب جي صحافين چوٿين ڏينهن به احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو

هندو برادري، ڊاڪٽر، صحافي ۽ شهرين کي هر روز ڀتي جون پرچيون ۽ خوف ڦهلائڻ لاءِ لانچر پيا ملن: نارائڻ ناز

پوليس امن امان قائم ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي آهي، خوف جي علامت بڻيل ڌاڙيلن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي: مطالبو

غوثپور: صحافي ڀتي جون پرچون ملڻ خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ريلي ڪڍي رهيا آهن

غوثپور (حاجي شاهنواز شيخ) غوثپور شهر جيان سڄي ضلعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

سکر ۾ خيرپور جي ٽنڊو مستي علائقي جي نئين جوڙي جو تحفظ لاءِ مظاهرو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر ۾ پسند جي شادي ڪندڙ خيرپور /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

ڪمشنر نوابشاهه پاران پيپلز بس سروس ۾ سفر، مسافرن کان سهولتن بابت ڄاڻ ورتي

نواب شاهه (ڊ ر) ڪمشنر شهيد بينظيرآباد ڊويزن نديم احمد ابڙو اچ تي واٽر اسٽاپ کان ڪمشنر آفيس /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

ٽيڙهي ۾ جي يو آءِ پاران شهر ۾ امن امان جي صورتحال تي آل پارٽيز ڪانفرنس

خيرپور ضلعي اندر امن بحال ڪرائڻ جي قرارداد اتفاق راءِ سان منظور

ضلعي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي ڏينهون ڏينهن خراب ٿيڻ لڳي آهي، ڪم سانگي به ٻاهر نٿا نڪري سگهون: فياض احمد ميمڻ

پوليس ڌاڙيلن کي گرفتار ڪرڻ بدران عام شهرين کي گرفتار ڪري ڏيتي ليتي تي آزاد ڪري ڇڏي ٿي: صبغت

خيرپور(ڊ ر) ٽيڙهي ۾ جي يو آءِ طرفان آل پارٽيز ڪانفرنس امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ جي يو آءِ اڳواڻ مولانا فياض احمد ميمڻ مولانا عرفان احمد ميمڻ، پ پ ٽيڙهي جو صدر قاضي عزيز الرحمان، /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

سجاول ۾ ايم ڪيو ايم پاڪستان پاران 15 شعبان جي حوالي سان ڪئمپ لڳائي وئي

سجاول (رپورٽر) سجاول ۾ 15 شعبان شب برات جي رات /ڏسو صفحو 3 بقايا 36

غوثپور: سيپڪو پاران بجلي چورن ۽ باقيدارن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي

غوثپور شهر ۾ بجلي باقيدارن خلاف ايڪشن، 10 ڄڻا گرفتار، آزاد

ايس ڊي او بشير باجڪاڻي جي اڳواڻي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروائي

بلن جي ادائگي ڪرڻ کان پوءِ گرفتار ٿيل 10 ڄڻن کي آزاد پڻ ڪيو ويو

غوثپور(حاجي شاهنوازشيخ) غوثپور شهر ۾ بجلي جي باقيدارن خلاف ڪارروائيون جاري واپڊا ايس ڊي او بشير باجڪاڻي ۽ غوثپور لائين /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

"پيڪا قانون نامنظور" راڻيپور ۾ صحافين جو احتجاج، بک هڙتال

پي ايف يو ايف جي سڏ تي صحافي احتجاجن رستن تي اچي ويا، نعريبازي

حڪومت ڪارو قانون مڙهي صحافين جي آواز کي دٻائڻ چاهي ٿي: خطاب

راڻيپور(رپورٽ ماجد ملاح) موجب پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي سهوديرو يونين آف جرنلسٽس طرفان پيڪا ايڪٽ خلاف /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڪئنال ڪيڻ خلاف آچر تي سيوهڻ کان ميهڙ تائين مارچ ڪيو ويندو: جي ڊي اي اڳواڻ

سنڌ جي تباهي جو ذميوار زرداري آهي، ايوان صدر ڪئنال ڪيڻ جي اجازت ڏني: لياقت جتوئي

آصف زرداري سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪيڻ جي اجازت ڏئي سنڌ کي بنجر بڻائڻ جي سازش ڪئي آهي

16 فيبروري تي سنڌ عوام جو مارچ ۾ شرڪت ڪري سنڌ دشمن منصوبي کي رد ڪندو: گڏجاڻي ۾ ڳالهيون

دادو(ڊ ر) سنڌ کي هٽ وٺي تباهه ۽ برباد ڪيو پيو وڃي سنڌ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 37

پريس ڪلب راڻيپور
راڻيپور: پيڪا قانون خلاف صحافي احتجاجن بک هڙتال تي ويٺل آهن

سکر ۾ شب برات جي موقعي تي شهرين جي پيارن جي قبرن تي حاضري، گل رکي دعائون گهريون ويون

سکر (بيورو رپورٽ) شب برات جي موقعي تي ماڻهو پنهنجن پيارن جي قبرن تي وڃي قبرن جي سارسنڀال سميت فوتين کي ايصال ثواب لاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا 38

"مطالبا مڃيو" ڪراچي پريس ڪلب اڳيان پ ٽ الف سراپا احتجاج بڻيل

بائيو ميٽرڪ ڊويزن ليول تي آڻڻ، پرائمري اسڪولن مان ڪلسٽر هب سسٽم جو خاتمو ڪري اسڪولن جي پراڻي حيثيت بحال ڪئي وڃي: اڳواڻ

جائز مسئلا جيڪي سنڌ گورنمنٽ حل ڪرڻ لاءِ عدم دلچسپي جو مظاهرو ڪري رهي آهي: شفيع محمد سٿيو

استادن جا جائز مسئلا ترت حل نه ٿيا ته بلاول هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو: سڪندر علي جتوئي

ڪراچي: (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ پرائمري ٽيچرس ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) جي مرڪزي اڳواڻ شفيع محمد سٿيو جي اڳواڻي ۾ ڪراچي پريس/ڏسو صفحو 2 بقايا 9

سکر: پيرسن انصاف جي لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

چوٽياريون مان شهري کان مبينا موٽرسائيڪل ڦر، ٻه ڦورو سوگها

ڦورو فرمان لغاري کان ڦر ڪري سانگهڙ طرف ڀڳا ته ڳوٺاڻن بروقت ڪارروائي ڪئي

ٻه ڦورو جانب جمالي ۽ خالق ملاح کي سوگهو ڪرڻ بعد پوليس حوالي ڪيو ويو

چوٽياريون (رپورٽ سيد لعل خان شاهه) چوٽياريون ٿاڻي جي حد بشير باجوه اسٽاپ لڳ 2 ڦورو فرمان علي لغاري کان سي ڊي موٽر سائيڪل/ڏسو صفحو 2 بقايا 10

سکر واسي جو مبينا قبضي خلاف احتجاج ۽ ڊي سي وٽ درخواست داخل

10 ڳوٺاڻن جعلي کاتا ٺهرائي والد جي ملڪيت تي قبضو ڪيو آهي: محمد ملوڪ

عدالت حق ۾ فيصلو به ڏنو، جوابدارن مان خاندان کي خطرو آهي، انصاف ڪيو وڃي: متاثر

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي مين سبزي منڊي لڳ ڳوٺ عارب شخ ۾ جعلي کاتا ٺهرائي اصل مالڪ کي جوابدار بڻائي عدالتن ۽ ڊي سي /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

اڳوڻي صوبائي وزير، سينيٽر سسئي پليجو جي ناميارى پاڻي ماهر اوپايو خشڪ سان ملاقات ۽ سندس عيادت

سنڌ جو پاڻي ڪيس چٽو ۽ صاف آهي، حڪمران سنڌ دشمن فيصلا واپس وٺن: سسئي پليجو

اوپايو خشڪ هميشه قلم ذريعي سنڌ ۾ پاڻي کوٽ ۽ ٻين سنڌ دشمن معاملن تي ماڻهن کي آگاهي ڏيندو پيو اچي

اسان جي پاڻي ۽ سنڌو دريا تي ڪئنال مخالف جدوجهد ڪامياب ٿيڻ تائين جاري رهندي: صحافين سان ڳالهيون

غلام الله: سسئي پليجو کي پاڻي ماهر عيادت دوران ڪتاب ڏئي رهيو آهي

غلام الله (رپورٽ: پيرل پياسي) اڳوڻي صوبائي وزير سينيٽر سسئي پليجو ناميارى پاڻي ماهر اوپايو خشڪ سان ملاقات ڪئي ۽ سندس عيادت ڪئي. ان موقعي تي سينيٽر سسئي پليجو چيو ته اوپايو خشڪ مسلسل قلم ذريعي سنڌ ۾ پاڻي کوٽ، 91ع معاهدي تي ارسا ۽ وفاق جو عمل نه ڪرڻ، گيٽر ٽل ڪئنال، چولستان ڪئنال سميت ٻين ڪئنالن جي ڪري سنڌ ۾ وڌيڪ امڪاني آبپاشي، زرعي ۽ معاشي تباهڪارين تي لکندو ۽ ماڻهن کي آگاهي ڏيندو اچي، خاص طور تي ڪوٽڙي ڊائون اسٽريم ۾ پاڻي انتهائي انتهائي گهٽ اچڻ سبب ٺٽو، سجاول، بدين سميت لاڙ ۽ ساموندي علائقن ۾ ٽينڊز انساني المين بابت پنهنجي قلم وسيلي عوام ۾ معلومات ۽ لاڳاپيل اٿارٽيز سامهون به زميني حقيقتون رکي سوال اٿاريا آهن. اسان جي دعا آهي ته اوپايو خشڪ ٺيڪ ٿي اها آگاهي ۽ جدوجهد وڌيڪ اڳيرائي سان جاري رکي. سسئي پليجو وڌيڪ چيو ته اسان سڄي سنڌ ۾ متحرڪ ۽ عوام دوست پاڻي ماهرن کي قدر جي نگاهه سان ڏسون ٿا ۽ ڪين جس ڏيندي انهن لاءِ نيڪ تمنائن جو اظهار ڪريون ٿا. هن چيو ته سنڌ جو پاڻي ڪيس چٽو ۽ صاف آهي، اسان جي پاڻي بابت ۽ سنڌو دريا تي ڪئنال مخالف جدوجهد ڪامياب ٿيڻ تائين جاري رهندي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

سجاول ۾ بائي پاس روڊ تي افسوسناڪ روڊ حادثو، هڪ ڄڻو ٿڏي فوت، 3 ڄڻا زخمي

سجاول (رپورٽر) سجاول ۾ بائي پاس روڊ تي افسوسناڪ روڊ حادثو، چنگچي رڪشا پاڻ ۾ ٽڪرائجي ويا/ڏسو صفحو 2 بقايا 13

ڏوڪري ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر پاران شب بارات جي حوالي سان شهر جو دورو، وڌيڪ اگهه وٺندڙ دڪاندار مٿان ڏنڊ

فرزانه ميراڻي گوشت، مڇي، سبزي، فروٽ ۽ روز مره جي استعمال جي شين وارن دڪانن تي پهچي اگهه معلوم ڪيا

فرزانه ميراڻي سبزي، فروٽ، گوشت، مڇي، مرغي سميت کاڌي پيتي جي شين جا ڀيٽا اگهه وٺندڙ مٿن ڏنڊ پڻ هنيا

باڊهه :(رپورٽر) اسسٽنٽ ڪمشنر ڏوڪري جا شب برات واري وڏي ڏينهن باڊهه شهر ۾ عام واهپي جي شين جا وڌيڪ اگهه وصول ڪندڙ دڪاندانن تي ڇاپا، ڏنڊ وصول ڪيو ويو خبر موجب اسسٽنٽ /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

لکي غلام شاهه ويجهو ڳوٺ مريد سيتار اسڪول ۾ شاگردن کان سائنس جا تجربا ڪرايا ويا

لکي غلام شاهه (رپورٽ: گوگي رام) لکي غلام شاهه ويجهو گورنمينٽ ايليمينٽري اسڪول ڳوٺ مريد سيتار ۾ ڪلاس چوٿين جي شاگردن کي /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

باڊهه: اسسٽنٽ ڪمشنر شهرجي بازار جو دورو ڪري رهي آهي

لاڙڪاڻي ۾ عدالتي حڪم بعد زميندار جي فرياد تي 10 ڄڻن مٿان ڪيس داخل

زميندار مدد علي ڪچي ڀيٽي ۽ حملي جي ايف آءِ آر داخل ڪرائڻ لاءِ پٽيشن داخل ڪرائي هئي

عدالتي حڪم بعد سرفراز، عبدالغفار، حسين، مظهر، پيارو ۽ ٻين خلاف ايف آءِ آر داخل ٿي وئي

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) قمبر تعلقي جي ڳوٺ گهوگهاري واسي زميندار مدد علي ڪچي طرفان پنهنجي وڪيل معرفت فرسٽ ايڊيشنل اينڊ /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

خيرپور جي تعليمي اداري غيراخلاقي پمفليٽ جاري ڪيا آهن: سماجي اڳواڻ

انسٽيٽيوٽ آف فزيوٿراپي اينڊ ريهبليٽيشن ۾ داخلا لاءِ غيراخلاقي ڪم ڪيو ويو آهي

اسان کي گهرجي ته معاشري کي اهڙي تربيت ڏيون جو فساد ٿي نه ٿين: ڳالهيون

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي سماجي اڳواڻن ايڊوڪيٽ قربان علي ناريجو، اڪبر علي، علي ڏنو شعبان ناريجو ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي /ڏسو صفحو 2 بقايا 21

پيرونمل پرسان حضرت ٻهرم ٻري جو ميلو شروع

گادينشين صدام حسين جوڻيجي چادر چاڙهي افتتاح ڪيو

ميلي ۾ گهوڙن ڊڳن جي ڊوڙ ۽ ٽاپ ڪلاس جا ملهه پهلوان پڻ لٿل

سانگهڙ (رپورٽ گل محمد سولنگي) پيرونمل پرسان ضلعي سانگهڙ جو مشهور اولياءِ حضرت ٻهرم ٻري شير جو ميلو باقاعده شروع ٿي ويو /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

سانگهڙ: ٻهرم ٻري جي عرس مبارڪ جو ڏيک، ٻي پاسي گادينشين ۽ ٻيا افتتاح ڪندي

دادو ۾ جوابدار مٿان منشيات جو ڏوهه ثابت، وڻ پوکڻ جي انوکي سزا

ڏوهه ثابت ٿيڻ تي عدالت سمير پنڊ کي 100 وڻ پوکڻ ۽ سنڀال ڪرڻ جو حڪم ڏنو

جوابدار هڪ سال پورو وڻ سنڀاليندو، اگر ڪو وڻ سڙي ويو ته ٻيهر پوکيندو: سول جج

دادو (ڊ ر) مين پڙي گڏڪو وڪرو ڪرڻ جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي دادو جي فورٿ سول جج جي عدالت جوابدار سمير پنڊ کي 100 وڻ پوکي هڪ سال /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

لاڙڪاڻو يونيورسٽي ۾ اسپورٽس گالا شروع، ميوزيڪل چيئر جا مقابلا

مهمان خاص ايم پي اي جميل سومرو يونيورسٽي ۾ پهرين اسپورٽس گالا جو افتتاح ڪيو

اسپورٽس گالا جي شروعاتي ڏينهن تي گرلس ميوزيڪل چيئر جا شاندار مقابلا ڪرايا ويا

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) دي يونيورسٽي آف لاڙڪاڻو ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

ڪشمور ۾ عوامي پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي قسم کڻائڻ واري تقريب

پريس ڪلب مظلوم عوام جي نمائندگي ڪندا آهن: گل محمد جکراڻي

ضلعي چيئرمين پريس ڪلب جي چونڊيل عهديدارن کي قسم کڻايو

ڪشمور: (رپوٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور ضلعي /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڪنڌڪوٽ ۾ نوجوان مڙسي ڪري موٽرسائيڪل ڦرڻ کان بچائي ورتي

راڻو اسٽاپ وٽ هٿياربندن جاويد علي سبزوئي کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻايو

نوجوان پاران هٿياربندن سان مزاحمت ڪرڻ تي ڦورو فرار ٿي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿيا

ڪنڌڪوٽ رپورٽ) ذوالفقار علي سومرو (ڪنڌڪوٽ سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڌوهارين جي محفوظ پناهه گاهه بڻيل، موٽرسائيڪل /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

گهوٽڪي پوليس ۽ رينجرز جو سندراڻي گينگ خلاف آپريشن، سهولتڪاري الزام هيٺ 5 ڄڻا گرفتار

پوليس ٻئي ڏينهن به رينجرز سان گڏجي آندل سندراڻي ڪچي، ڇهون بلاڪ، نانڪ واهه ۽ ٻين علائقن ۾ آپريشن جاري ڪيو

محمد آصف، محمد لقمان، قدرت الله، ۽ جميل احمد ماڇي ڌاڙيلن جي سهولتڪاري الزام هيٺ قتل

پوليس ناحق پورهيتن کي ڪنيپي گم ڪري ڇڏيو آهي، بي بنياد الزام مڙهيا ويا آهن: وارثن جو موقف

گهوٽڪي/سرحد (رپورٽون عبدالحئي مير/حاجي محمد مهر/عرفان ملڪ) سرحد جي ڪچي ۾ مختلف ٿاڻن جي پوليس ٻئي ڏينهن به رينجرز سان گڏجي آندل سندراڻي جي ڪچي، ڇهون بلاڪ، نانڪ واهه ۽ ٻين علائقن ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 39

سنجهورو ۾ اسٽيپ فائونڊيشن آفيس جو افتتاح ۽ مبارڪون پيش

چيئرپرسن شائسته بلوچ سنجهورو پهچي اسٽيپ فائونڊيشن آفيس جو افتتاح ڪيو

اسٽيپ فائونڊيشن بنا ڪنهن رنگ ۽ نسل جي ڪم ڪري رهي آهي: شائسته بلوچ

سنجهورو) رپورٽ:(خان محمد لنڊ) سنجهورو ۾ اسٽيپ فائونڊيشن آفيس جي شاندار افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي. اسٽيپ فائونڊيشن جي /ڏسو صفحو 3 بقايا 40

سنجهورو: اسٽيپ فائونڊيشن جي چيئرپرسن آفيس جو افتتاح ڪري رهي آهي

ٽيچرز آرگنائيزيشن پاڪستان چئلينجز بابت آگاهي ڏئي پئي: الطاف لنگرٻال

سنڌ جا استاد ٽيچرز آرگنائيزيشن آف پاڪستان ۾ شامل ٿين: ٽيچرز آرگنائيزيشن جو صدر

سکر ضلعي ۾ آرگنائيزيشن جي ضرورت هئي ڇوجو استاد حقن جي صلاحت رکن ٿا: خطاب

سکر (بيورو رپورٽ) ٽيچرز آرگنائيزيشن آف پاڪستان استادن جي واحد ملڪ گير تنظيم آهي، جيڪا نه رڳو استادن کي هر دور جي چئلينجن کان آگاهه ڪري ٿي، پر انهن چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ شعور به ڏئي ٿي. اهڙن خيالن جو /ڏسو صفحو 3 بقايا 41

سکر پوليس جون سماجي برائين خلاف ڪاروائيون جاري، وڌيڪ هڪ جوابدار گرفتار ۽ شراب هٿ

سکر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي هدايتن تحت سکر پوليس جي سماجي برائين خلاف ڪاروائيون جاري اي سيڪشن ٿاڻي /ڏسو صفحو 3 بقايا 42

نصرت ڪئنال ۾ هفتو اڳ ٻڏي ويل شاگرد جو لاش هٿ نه آيو، وارثن پاران پاڪ ڪتاب جو ورد جاري

ٽائون انتظاميا پاران ريسڪيو ٽيمون ۽ علائقن جا ٽوٻا گهرائڻ باوجود رضا پتو جو مڙهه نه مليو

سماجي اڳواڻ مير عاشق حسين بروهي وارثن وٽ پهچي مدد جي خاطري ڪرائي هڪ لک روپيا ڪيش پڻ ڏنا

نوجوان گڏريل 7 ڏينهن کان گم آهي خدارا نصرت ڪينال بند ڪرائي لاش جي ڳولا ڪئي وڃي: سماجي اڳواڻ

پرياسٽي (ن پ ڪ) 7 ڏينهن اڳ زيتون وڪرو ڪندڙ انٽر جو شاگرد پورهيت نوجوان رضا پتو جيڪو پرياروڊ پرسان نصرت ڪينال ۾ ڪري ٻڏي ويو /ڏسو صفحو 3 بقايا 43

پرياسٽي: نصرت ڪئنال ۾ ٻڏي فوت ٿيل نوجوان امڙ ۽ ڀيڻ مدد جي لاءِ دانهي رهيون آهن

امير بخش پتو خلاف ٿيل احتجاج ڪردار ڪشي تي ٻڌل آهي: ايم ابراهيم ابڙو

سولنگي ۽ ٻرڙن امير بخش پتو خلاف احتجاج ڪيو، جيڪو بهتان ڪانسواءِ ڪجهه ناهي

ساڳيا ماڻهو ڪجهه عرصي کان سردار امير بخش خان پتو جن وٽ ڄاڻايل زمين متعلق آيا هئا

اچ ڏينهن تائين ٻئي برادريون زمين جو اصل رڪارڊ ڏئي نه سگهيون آهن: ترجمان

لاڙڪاڻو بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ سردار امير بخش خان پتو جي پريس ترجمان محمد ابراهيم ابڙو پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ ڄاڻايو آهي /ڏسو صفحو 3 بقايا 44

نوشهروفيروز مان اغوا ٿيل نينگر بازياب نه ٿيو، احتجاج دوران والده بيهوش، اسپتال منتقل

مدرسي مان اغوا ٿيل احسان پتوجي بازيابي لاءِ امڙ ساجد پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪيو

پوليس اهلڪار فياض پتو مدرسي مان پٽ احسان کي اغوا ڪري ويو آهي: والد شاهد پتو

ارباب اختيارين کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي پٽ بازياب ڪرائي ڏنو وڃي: مطالبو

نوشهروفيروز: نينگر احسان پتوجا وارث بازيابي جي لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

نوشهرو فيروز: (ڊ ر) نوشهرو فيروز جي مدرسي مان اغوا ٿيل معصوم احسان پتوجي بازيابي لاءِ پريس ڪلب نوشهرو فيروز اڳيان معصوم جي مسمات ساجدا ۽ پيءُ شاهد پتو احتجاج /ڏسو صفحو 3 بقايا 45

سجاول جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي ڦاهي جي سزا ٻڌائي ڇڏي

سجاول (رپورٽر) سجاول جي عدالت قتل جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي جوابدار کي ڦاهي ۽ ڏنڊ جي سزا ٻڌائي ڇڏي. ان سلسلي ۾ ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج سجاول /ڏسو صفحو 3 بقايا 46

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سمر پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي-آر-آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي